

آءُ نہ اڪيلو
(ڪالم)
ثاقب بلوچ

# آءُ نہ اکیلو

(کالم ءِ مضمون)

# ثاقب بلوچ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”آءُ نہ اڪيلو“** اوهان اڳيان پيش آهي. ڪالمن ۽ مضمونن تي مشتمل هن مجموعي جو ليکڪ نوجوان ڪالم نگار ثاقب بلوچ آهي.

ثاقب جي تحريرن جا عنوان عام طور اُهي آهن جيڪي وقت ۽ حالتن جي حساب سان جنم وٺن ٿا، مطلب ته ثاقب عام رواجي عنوانن کان هٽي ڪري انهن موضوعن تي پنهنجو قلم کنيو جن تي ڪيس اهو محسوس ٿيو ته مون کي لکڻ گهرجي يا وري وقت جي تقاضا سمجهي ڪري انهن تي لکڻ مناسب هجي.

ثاقب جي چونڊ ڪالمن جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري ناهي ڇاپيو، تنهنڪري هن پيار، پابوهہ سک ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آنلائين اپلوڊ ڪري سڀني سنڌين تائين پهچايون.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

سنڌي ادب اندر هڪ عجيب قسم جي الميو پيدا ٿيو، سڀ اديب پريشان ٿي ويا ته ڪيس کهڙو نالو ڏيون، اُنهي مهل رستي ويندي هڪ درويش سندن ان پريشاني واري عالم کي ڏسي ڪري ڪانس حال احوال ورتو، هنن يارن به ان درويش کي پنهنجو مسئلو ٻڌايو، مسئلو ٻڌڻ شرط پهريان ته درويش پاڻ ڪنهن قدر حيران ۽ پريشان ٿيو پر سگهو ئي پاڻ سنڀالي کين وراڻيو ”جيڪڏهن ٻين جي ڪاوشن تي پاڻي ڦيرڻو آهي ۽ ڪيس اِهو احساس ڏيارڻو آهي ته صرف تون ئي ادب جو بي تاج بادشاھ آهين ته پوءِ ان ڪم کي نالو ڏيو مهاڳ، ڇو ته لفظ مهاڳ جو تاثر شاهي تاثر آهي“، درويش جي ڳالھ ٻڌي ڪري پوري سنگت حيران ٿي وئي، ۽ درويشن جي ان تجويز تي عمل ڪندي هڪ ٻي جي تخليقن تي مهاڳ لکڻ شروع ڪيائون، جيڪو سلسلو اڄ تائين ختم نٿو ٿي...!

هن مهل جيڪو ڪتاب اوهان جي موبائل جي اسڪرين ۾ ڏيکارجي پيو ۽ اوهان ڪيس پڙهو پيا، اِن ڪتاب بابت جامع راءِ مطلب ته مهاڳ لکڻ جي درخواست مون کي ڪئي وئي، مهاڳ لکڻ هڪ انتهائي حساس ڪم آهي، مهاڳ ۾ ليکڪ جي سچي محنت تي تکي نظر رکي ڪري سندس تحريرن جو مثبت توڙي منفي پهلو واضع ڪبو آهي ان کان علاوه سندس تحريرن منجهه اُٺايون ۽ چڱايون پڻ ڳولڻيون پون ٿيون، ثاقب بلوچ جي هن مجموعي جي تاليف مون ڪئي ۽ آءُ ئي سندس ڪتاب جو تدوين ڪندڙ آهيان، سندس تحريرن تي جڏهن مون گهري نگاه وڌي ته مونکي محسوس ٿيو ته ثاقب وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ هن معاشري جو اُهو فرد آهي جنهن جو ذهن شعور جي لاٽ ٻرڻ شرط بغاوت واري طرف روان دوان ٿي وئي آهي...!

سندس تحريرن ۾ معاشرتي رياڪارين خلاف جيڪا ڪروڌ نظر اچي ٿي سان سندس شعور جي بالغ هجڻ جو چٽو ثبوت آهي، ثاقب بلوچ حڪومتي ويڳاڻپ ۽ لاوارثي تي انهن طرف ڌڪارت واري لهجي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته” مان سرڪار کي گذارش نه ڪندس ڇو ته سرڪار کي گذارش ڪرڻ ٻوڙي جي ڪن ۾ ڳالھ ڪرڻ جي برابر آهي، اسان جي گذارش سرڪار آڏو هڪ چرچو آهي، دست بن ۾ اڇليل خالي ڪاغذ جيان آهي“، اهڙي ريت سندس تحريرن ۾ هن سماج جي پوري ناڪاره نظام تي ڪاوڙ جو اظهار سخت لفظن ۽ لهجن ۾ ڪيل آهي، ثاقب جيتوڻيڪ ادب سان لاڳاپيل ڳچ عرصي


www.sindhsalamat.com

ڪان هو ليڪن لکڻ جي حوالي سان ڪيس تمام مختصر عرصو ٿيو آهي ۽ انهي مختصر عرصي ۾ مسلسل ڪالم لکڻ جڙڪ سندس مشغلو بڻجي چڪو آهي، سندس اِن مشغلي ڪيس پوري سنڌ اندر بي پناهہ پيار بخشيو، مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس تحريرن ۽ ڪالمن کي وقت به وقت جڳهہ ملندي رهي...!

اهڙي ريت ڪيس اتساهہ ملندو رهيو ۽ سندس تحريرن جو جامع ڪتاب هن قت اوهان جي هٿن ۾ آهي، ثاقب جي هڪ ڳالهہ مون کي ڏاڍو ليائي وئي اُها اِها تہ ثاقب جي تحريرن جا عنوان عمومن اُهي آهن جيڪي عنوان وقت ۽ حالاتن جي حساب سان جنم وٺن ٿا، مطلب تہ ثاقب عام رواجي عنوانن ڪان هٽي ڪري انهن موضوعن تي پنهنجو قلم کنيو جن تي ڪيس اهو محسوس ٿيو تہ مون کي لکڻ گهرجي يا وري وقت جي تقاضا سمجهي ڪري انهن تي لکڻ مناسب هجي، مطلب تہ ثاقب پنهنجي مرضي مطابق ڪنهن بہ عنوان کي ڪونہ سرجهيو بلڪ وقت ۽ حالاتن کي مد نظر رکندي پنهنجو قلمي جدوجهد ڪندو رهيو...!

ثاقب جي ڪالم تي هندي ٻولي جو تمام گهرو اثر ڏسڻ وٽان مليو، ان جو بنيادي ڪارڻ اِهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ثاقب سنڌي هندو ليڪڪن جا ڪتاب جهجي انگ ۾ پڙهيا هجن جنهن سبب هاڻ سندس حافظي ۾ اُهي الفاظ گهر ڪري ويهي رهيا آهن...!

مهاڳ ۾ ڪتاب بابت سيئي ڳالهيون اڳم ڪونہ ڪري چڏبيون آهن، ڪجهہ چاهہ، چش ۽ چاشني پڙهندڙن لاءِ بہ بچائي رکبي تہ جئين اُهي بہ علم جي لاٽ مان ڪا واٽ ڳولهي سگهن، ان لاءَ آءُ پنهنجي ڳالهہ کي پنهنجي ننڍڙي نثري نظم لکندي اختتام تائين پهچائيندس، آءُ پنهنجو هي نثري نظم ڪتاب کي پڙهندڙ سيني دوست کي ارپيا ٿو...!

"منهنجي سوچ جو
محور ۽ مرڪز تنهنجي
خيالي دنيا کان ڪوهين
ڏور مضبوط بينل آهي،
تنهنجيون اٽڪلون، ٺڳيون،
دولاب توڙي چالاڪيون
مون کي هڪ پل لاءِ بہ

ڪمزور يا هيڻو ڪري
ڪو نه سگهنديون يا وري
منهنجي منزل جي آڏو
هڪ پل لاءِ ٽڪي
ڪئين نه سگهنديون...!"

## يوسف جميل لغاري / ٿري ميرواهه

# پيش لفظ

سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي, مان سنڌ سلامت ڪتاب گهر سٿ جو ٿورائتو آهيان جن مونکي مان ۽ مرتبو بخشيو آهي ۽ منهجي سوچ و فڪر کي اوهان آڏو رکيو آهي دراصل مان لکڻ جي شروعات ڪالم نگاري کان ڪئي, چو تہ جڏهن جبر جي جنگ ۾ تلوار مڏا ٿي پون تڏهن هڪ قلم کي هٿيار جيان استعمال ڪري سگهجي ٿو انسان تلوار جي گهاءُ کان تہ بچي سگهي ٿو پر قلم جي گهاء کان ڪڏهن نٿو بچي سگهي چو تہ قلم تاريخ لکي ٿي انڪري مان بہ قلم جو سهارو ورتو, قلم سان محبت ڪيم ۽ بيشڪ قلم مون کي عزت بخشي، مون کي لکڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هيو ۽ جڏهن مان قلم پڪڙڻ جي قابل ٿيو هئيس تڏهن بہ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندو هئيس, بعد ۾ ادب جي دنيا منجهہ پير رکيو ۽ ڪي ئي ڪتابن جا مطالعا ڪيا سنڌي ادب سان دل جو ناتو ڳنڍيو ۽ ان ادب واقعي مونکي ادب جي قابل بڻايو....!
خدا جي ڪرم سان هي منهنجو پهريون ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي سٿ جي سهڪار سان شايع ٿيو آهي جيڪو ڪالم ۽ مضمونن تي مشتمل آهي اهي ڪالم بہ هن ڪتاب ۾ موجود آهن جيڪي مون ساڳيئڙن جي سورن لاء لکيا هئا ڪنهن کي انصاف ڏيارڻ لاء لکيا هئا, منهجي لکڻ تي مون کي عجيب قسم جا موٽ مليا آهن ڪي هاڪاري تہ ڪي وري ناڪاري پر پوء بہ مان پنهجي قلمي قوت سان واجهائيندو رهيس ۽ اجا تائين جدوجهد جاري آهي ۽ آئيندي لاء ازم اٿم تہ هر پهلو تي لکندس هر ظلم تي آواز اٿاريندس ۽ بئي جو درد پنهجو ڪري سهندس...!
مان دل جي گهرائن سان انهن پيارن دوستن جو شڪر گذار آهيان جن هميشہ منهجي همٿ افزائي ڪئي ۽ منهجي قلمي قوت کي ساهرايو. جنهن سب اجان تائين منهجي جدوجهد جاري آهي اوهان دوستن جي محبت کي مدنظر رکندي اوهان دوستن ۽ ادب جي پرستارن آڏو منهنجو هي پهريون ڪتاب پيش نظر آهي اوهين هن جو مطالعو ڪري پنهجي راء کان ضرور آگاهہ ڪندا...!

**ثاقب بلوچ**

# فهرست


- وري تعازيتن جا تڏا وڇائبا.
- لطيف جي پيتن جهڙي صائمہ.
- ڪير تہ لهندو سار اسانجي.
- سنڌ جي سمبارائن جي تذليل.
- دور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا.
- ميرواه يوٿ ڪائونسل.
- انقلاب جو ابو ڊاڪٽر چي گويرا.
- استاد جو اصلي مفهوم استاد نويد علي لغاري.
- پنهجي ستل ضمير کي ڌوٽو ڏيو.
- نري ميرواه پبلڪ لائبريري تحريڪ.
- ڪپتان ڪان وزيراعظم تائين.
- اوچتو ماٺ متل آواز.
- قومي ٻولي سنڌي ٻولي.
- آفريدي چوي ٿو سنڌ ۾ قابليت ناهي.
- ڌارين جا قومي شناختي ڪارڊ .
- نياڻن جي تعليم تي سماجي اثر.
- اجا جوان رهن ٿا جوءِ ۾.
- محترم جناب چيف جسٽس صاحب.
- خوابن جا پاڇا جو ليکڪ يوسف جميل لغاري.
- غلامي هڪ گار آهي.
- هڪ آرٽسٽ جو قتل.
- سنڌ جي سونهن ٿر بچايو.
- جوڙا جاڳيا جوڳين لاءِ.

# وري تعازيتن جا تڏا وڇائبا

تمام جلد هن هيسايل عوام کي هڪ موسم سان منهن ڏيڻو آهي. هڪ اهڙي موسم جيڪا وري ٻيهر مرحومن جا تڏا وڇائيندي, رستن تان ڌوڙ اڏائيندي, وري اسان کان وسري ويل مرحومن جا نالا ياد ڏياريندي. اها موسم عوام جي عزت ضرور وڌائيندي پر ڪنهن محدود مدت لاءِ ۽ اهي عجيب چهرا ڏيکاريندي جيڪي هن عوام پنج سال پهريان ڏٺا هئا, هن موسم ۾ ڪجھ موسمي ماڻهو وري ايندا لڙي جن هن بيوس عوام کي پيهڙيو هو, اهي چهرا اسانجي اوطاقن تي نظر ايندا جن ڪالھ اسان جي لڙي وڃڻ تي بہ نہ ڏيکاريا هئا, ڪالھ اسان هنن جي اوطاقن تي وينا هئاسين اتي سائين جي ڪمدار چيو هو تہ سائين جن آرام پذير آهن سائين جن وٽ توهان جي لاءِ ٽائيم ناهي, هاڻي ان موسم جي مدد سان سائين جن پنهجي سر پاڻ پنهجي ڪمدارن سان گڏ منهجي اوطاق ٻاهريان مونکي سڏڙا ڏيندو, چوندو بابا فلاڻا تنهنجي ڏک ۾ مان شريڪ ٿيڻ آيو آهيان. اهو بہ تڏهن جڏهن مون کان ئي ڏک وسري ويو هجي. اسين عوام ڇا ڪنداسين هر دفعي جي دهرايل جملن تي, اسان جو جواب نئون هوندو يا اهو ئي پراڻو عزر تہ سائين توهان قبلا آهيو, ابو آيو, مرشد آيو, سردار آيو اسان اوهان کي ئي ووٽ ڏينداسين اسان اوهان کان ڪڏهن بہ منهن نہ ڦيرينداسين ۽ مان قسمت وارو آهيان جو اوهين مون مسڪين جي اڱڻ هلي آيا آهيون.

دراصل هي عوام پرڪجي ئي نٿو الاءِ ڪهڙي مٽي منجھ نهيل آهي ,پنج سال لڳاتار ڪيل ظلمن جو ازالو الاءِ ڪئين انهن کان وسري ٿو وڃي ڇا انهن وٽ لامحدود ظلمن جا امبار سهڻ جي صلاحيت آهي يا اهي ناقصي سوچ جو شڪار آهن, ناقص سوچ مطلب اهڙي سوچ جيڪو ذهن جو ڪيڙو هجي يا ان کي دماغي يوت بہ چئي سگهجي ٿو, هي عوام هٿ ڪڙي لڳل ان مجرم جيان آهي جنهن وٽ هٿڪڙي جي چاٻي بہ موجود هجي ۽ اهو فرار ٿيڻ نہ گهري, چو تہ عوام کي ازل کان وني بيوقوف ٻڻايو ويو آهي هميشہ ٺڳيو ويو آهي, هر دور ۾ هن کي سنگهرون پارائيون ويون آهن. ڪڏهن سردارن قوميت جي آڙ ۾ عوام کي لٽيو ٿي تہ ڪڏهن پيرن پنهنجي مريدن کان ووٽ نظراني طور ورتا. برحال ٻنهي صورتن ۾ عوامي نسلن جو نقصان ٿيو آهي سردارن ۽ ميرن پيرن کي داد هجي هنن ڪيل چڱو رچيو آهي الاءِ ڪهڙي تہ سوچ عوام جي ذهنن منجھ پريو

آهي جو هو اجا تائين انهن جا ٻول ٻولين ٿا, ان ناقصي سوچ سبب اهي چڱي ريت سوچڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺا آهن, هاڻي انهن سان تبديلي جي ڳالهه ڪرڻ انهن ڪي باهه جي مچ ۾ اڇلڻ برابر آهي.
قومون قومن مان ئي جنم وٺنديون آهن, پر وقت جي حساب سان هڪ قوم ٽٽندي آهي تہ ان مان ڪي ئي قومون پيدا ٿينديون آهن, اسين هر حساب سان طبقن ۾ ورهايل آهيون مذهبي حساب سان بہ تہ قومي حساب سان بہ وري قومن ڪان ذاتن پاتن ۾ ورهايل آهيون, وري ذاتن پاتن ڪان اوڙن پاڙن ۾ ورهايل آهيون, اسان جي تباهي جو مها ڪارڻ اسانجي ورهاست آهي, جنهن مان تباهڪار مڪمل لاڀ وٺن ٿا, اهي اسان کي ڪٺ پتلين جيان نچائن ٿا, ان تفاوت جا مثال اوهان کي معاشري منجهه ڪي ئي ملندا, ۽ ائين ئي ذات پات جي نالي تي سردار ووٽ وٺندا آهن, لازمي آهي مان پنهجي ذات پائي سردار کي ئي ووٽ ڏيندس, چو تہ سياڻي مون کي ان سان ئي منهن ڏيٺو آهي, هڪ چوٽي آهي تہ "فقير فقير کي نہ سهي" اهڙي ريت هڪ ذات واري اميدوار کي ٻئي ذات جو عوام نہ سهي چو تہ هو انهن جو ذات پائي ناهي ڀلي پوء اهو اهل اميدوار ئي چو نہ هجي پر ان جو ذات پائي هجڻ اوش آهي ۽ پوء ٿيندو بہ ائين ئي آهي تہ جيڪا ذات اقليت ۾ هوندي آهي اها پنهجا گوڏا کوڙيندي آهي ۽ جيڪا اڪثريت ۾ هوندي آهي اها ئي سوڀ ماڻيندي آهي ڀل پوء چو نہ انهي قوم ۾ڪو چور اميدوار ئي چو نہ هجي.
انهن سڀني تفاوتن جي آڙ ۾ اسين گهڻو ڪجهه وساري ٿا ويهون اسين وساري ويهندا آهيون فٽ پاٿ تي ويٺل اهي ماڻهو جن کي سندن ذات پات جي ڪا خبر ڪانهي, اسين اهي چهرا وساري ويهندا آهيون جيڪي هوٽلن تي پندي نظر اچن ٿا, ڪڏهن ان ڳالهه تي غور ڪيو اٿئو تہ آخر اهي ڪير آهن, ڇا اهي هن ملڪ جو حصو آهن, جيڪڏهن هو واقعي ئي هن ملڪ جو حصو آهن تہ اهي هن ملڪ جي مهيا ڪيل اٽپورن لاڀن ڪان محروم چو آهن, ڇا تعليم انهن جو حق ناهي, اهڙي ريت اسان مان هر هڪ فرد خود پرست آهي, اسين صرف پنهنجي لاء سوچون ٿا اسان صرف پنهجي ٻارن جي بهتر تعليم لاء جاکوڙيون ٿا, اسين پندڙ ٻارن کي خيرات ۾ ڏهه رپيا ڏيندا آهيون يا انهن کان معذرت وٺندا آهيون, انهن جي زندگي بهتر ٿي سگهي جيڪڏهن اسان مان هر هڪ فرد انهن کي خيرات جي بجاء پنهجو ووٽ ڏئي مطلب تہ هڪ دفعو انهن لاء ووٽ ڏيو ڪنهن اهل


www.sindhsalamat.com

اميدوار کي ۽ آزمائلن کي هرگز بہ نہ آزمايو چو تہ انهن اڳئي نہ ٻاريو هاڻي چا ٻاريندا، بيشڪ اوهين انهن کي مالي مدد نہ ڪريو پر هنن جي ذاتي حقن لاء واجهايو.

پ پ پ حڪومت ختم ٿي چڪي آهي سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو هاڻي پاڻ سنڌ جا ڏڻي ٻڌجن! سنڌ مان پيپلز پارٽي جي حڪومت ختم ٿي چڪي آهي ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ جڻ عوام تان هڪ عذاب لهي چڪو آهي صوبن اندر توڙي وفاق ۾ اهڙيون حڪومتون وجود ۾ آيون، جيڪي عوام سان گهٽ پر پنهنجي ڪيسي سان وڌيڪ سچيون رهيون نتيجي طور سنڌ سميت سڄي ملڪ جي عوام جو ڪو هڪڙو بنيادي مسئلو بہ حل نہ ٿي سگهيو. ڪروڙين ماڻهو اڄ بہ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ ڪان محروم آهن. عوام کي صحت ۽ تعليم جون معياري سهولتون ميسر ناهن. توانائي جو بحران اڄ بہ برقرار آهي. مهانگائي ۽ بيروزگاري ساڳئي نموني انتها تائين پهتل آهي ۽ عوام سان سڀ کان وڏو آزار جيڪو درپيش آهي، سا آهي ڪرپشن، جيڪا جيئن جو تيئن جاري آهي. ڪرپشن ۾ واڌ تہ آئي آهي، پر گهٽتائي اچي نہ سگهي آهي. اسان سڄي ملڪ جي کهڙي ڳالهہ ڪريون؟

جيڪڏهن سنڌ ڏانهن ڏسون ٿا تہ اکين ۾ لڙڪ تري اچن ٿا، چو تہ وک وک تي اهڙا منظر موجود آهن، جيڪي دليون ڏاري وجهن ٿا. ڪٿي بک بيروزگاري سبب آپگهات ڪندڙ ماڻهن جا لاش پيل آهن تہ ڪٿي وري اسپتالن منجهان معصوم ٻارڙن جا جنازا نڪري رهيا آهن. ڪٿي عورتون امداد جي چند ٽڪن لاءِ لنيون ڪائيندي نظر اچن ٿيون تہ ڪٿي وري مسڪين ماروئڙن کي ڪٽڪ جي لپ لاءِ لتاڙيو ۽ چيپاٽيو وجي ٿو. معصوم ٻارڙن سان جنسي درندگي ۽ مظلوم نياڻين سان لڄالٽ جا سوين واقعا بہ هِن ختم شده حڪومت جي ڇهري تي ڇاپيل آهن!

پيپلز پارٽي جي 10 ورهين جي دور حڪمراني سنڌ کي اجاڙي تباھ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن دوران ترقياتي ڪمن جي نالي تي ڪربين رپيا ڪائي هڙپ ڪيا ويا، پر سنڌ کي اهڙي ڪا بہ اسڪيم ۽ اهڙو ڪوبہ ميگا منصوبو نہ ملي سگهيو، جنهن سبب فخر سان چئي سگهجي تہ هي پيپلز پارٽي جي حڪومت جو ڪارنامو آهي. پوء جي هي عوام وري بہ پ پ پ کي ووٽ ڏئي تہ بيشڪ اهو جاهل عوام ئي چئبو.

# لطيف جي بيتن جهڙي صائمہ

اج موئن ڏڙي جي مٿي چوي ٿي تہ اهڙا ظلم تہ ڪڏهن منهجي قديميت ۾ بہ نہ ٿيا جيڪي ظلم اج جي سنڌ جي دجالي دور ۾ عام آهن. لاڙڪاڻي ڪي اج موئن ميار ٿو ڏي, اها نگري جتي ڪالهہ هڪ ثمينا جي ڳائيندڙ آواز ڪي دٻايوويو هو اج انهي لاڙڪاڻي جي ميروخان ۾ هڪ معصوم گل جيان ٻهڪندڙ نياڻي ڪي ازيتن سان قتل ڪيو ويو, هو تہ معصوم هئي هو صرف گهر جو رستو پلجي وئي, مگر هن دجالي دور جا ماڻهون انسانيت مان پلجي ويا آهن.

ڇا معصوم صائمہ جروار ڪي اهو حق نہ هو تہ هو ٿيهلو ڪٽي اسڪول وجي سگهي, پنهجي سرتين سان راند رچائي سگهي, اهو ڪو پهريون ڪڙڪيل ڪهر ناهي، انهيءَ ئي پي پي جي پئرس لاڙڪاڻي جي ست سالا ساحل ڪوريجو ۽ پنج سالا سنڌو سومرو, خانپور جي نو سالا سرور پونهر, قصور جي ڇهہ سالا زينب, عمرڪوٽ جي اميشا, ٺل جي فضيلا سرڪي انهن سمورن مظلومن ڪي ازيت جو نشانو بڻايو ويو. اجا ڪيترا قهر ڳٽايان.

ڪيتري نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ حڪمرانن جون ڏيئريون چوٽن ڪپڙن ۾ بہ محفوظ آهن ۽ سنڌ جي سادن سانگين جون معصوم ۽ سٻاجهڙيون نياڻيون ستن ڪپڙن ۾ بہ اذيت جو نشانو بڻجن ٿيون, صائمہ جروار جيڪا هن دجالي دور جي سماج کان اڻواقف هئي ان ڪي ڪهڙي ڪل تہ هن سنڌ ڌرتي جتي لطيف سرڪار جي سر ٻولي ٿي ۽ جتي قلندر جو رقس ٿئي ٿو, جتي موئن ڏڙي جي مٿي آهي اتي انسانيت ڪي داغيندڙ درندا هوندا جن جي اندر جو انسان مئل هوندو, اهي حيا و شرم کان خالي هوندا, ان معصوم نينگر ڪي ڪهڙي خبر تہ انهن ماڻهن جي چهرن پنيان ڇهرا چڙهيل آهن, جيڪي حيوانيت جا ڇهرا آهن. جي انهن درندن ڪي جانور چئجي تہ اها جانور جي توهين آهي ڇو جو ڪتو بہ ان گهر جي باتي ڪي ڏاٽ ناهي ڏييندو جتان هو ڪائيندو آهي هي هڪ صائما جروار جو قتل ناهي هي سنڌ جو قتل آهي.

سنڌ جنهن ڪالهہ هندستان مان آيل مهاجرن جي نياڻين مٿان شفقت جو هٿ رکيو هو ۽ انهن جي مٿي تي پنهجائپ جي پوتي رکي هئي, جتي نياڻن ڪي ست قرآن سمجهيو


www.sindhsalamat.com

ويندو هيو ,اتي اڄ صائما جو روح چوندي هوندي تہ مون کي ست قرآن نہ صرف انسان سمجهيو ها, اي سنڌ ڌرتي تو تہ هميشہ ننگن کي ساک ڪري رکيو پر اتي منهجي عزت محفوظ ناهي رهي.

مان تہ هڪڙي ننڍڙي جان هئس مان تہ اڃا دنيا جي دستور کان ئي اڻواقف هئس, اڄ تنهجي نگري ۾ ڪنهن دندري جي ساھ مان وحشيت جي دپ آئي جنهن مون کي اذيتن سان قتل ڪيو, اي منهنجي ڌرتي اهو مان ڄاڻان ٿي تہ مون کي ڪئين چيپاٽيو ويو, مون تي ڪيل قهر جو تہ ڪير اندازو ئي نٿو لڳائي سگهي. منهجي ڌرتي هڪ دانهن توکي آهي, ٻي دانهن لطيف سرڪار ۽ مخدوم بلاول کي ڏيندس, تہ اي پيٽائي جنهن مارو ئڙن تي تو بيت لکيا انهن اڄ تنهجي بيٽن جو قتل ڪيو, اي مخدوم بلاول جنهن سنڌ لاءِ تو سر ڪٽايو اڄ ان ئي سنڌ جي واسين سنڌ جو قتل ڪيو, پر افسوس آهي اڄ جي حڪمرانن تي جن جو ضمير صدين کان مئل آهي, جن کي صائمہ جي سور جو احساس ئي ڪونهي.

گلگت جي ملالا لاءِ تہ دنيا واجهائي ٿي پر سنڌ جي صائما جي سور کان واقف هوندي بہ اڻواقف آهن, اڄ صائمہ سان ڳڌ سنڌ بہ دفن ٿيو پر اسان جي نااهل حڪمرانن جو وار بہ ناهي چريو, اهي ووٽ وٺڻ لاءِ تہ فڪرمند هوندا آهن ۽ اسيمبلين ۾ اپوزيشن خلاف تہ ڳالهائيندا آهن پر ڪنهن مظلوم تي ٿيل ظلم تي نٽا واجهائن, انهن جو پنهنجيون نياڻيون تہ محفوظ رهندا آهن پر سنڌ جون نياڻيون اذيت جو شڪار ٿينديون آهن, آخر ڪيسيتائين سنڌ کي بار بار قتل ڪيو ويندو, ۽ ڪڏهن اسان جا حڪمران نشيلي ننڊ مان اٿندا ۽ لطيف جي نگري جي واهر ڪندا سنڌي ماڻهو تہ سڄي دنيا لاءِ درد رکي ٿو ,دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪو واقعو ٿئي تہ اسان سيني کان اڳيرا هوندا آهيون پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي تہ سنڌ جي سورن جو ڪنهن کي بہ احساس ڪونهي صائمہ جروار قتل انهي ڳالھ جو ثبوت آهي.

برحال بحثيت هڪ عام فرد جي مان گذارش ٿو ڪريان هن دجالي دور جي حڪمرانن کان تہ اهي صائمہ جو سور محسوس ڪن جئين قصور جي ذينب لاءِ واجهائيو ويو ائين ئي سنڌ جي صائمہ جي واهر ڪئي وڃي, ان نياڻي جي روح کي انصاف ڏياريو وڃي, ۽ صائمہ جي وارثن جو زخم پريو وڃي, ۽ جئين اسيمبلين ۾ حڪمرانن جي مفاد ۾ بل منظور ٿيندا آهن ائين ئي انهن مظلوم ماڻهن جي لاءِ بہ ڪا قانون ناهي وڃي جئين هن

ملڪ جي قانون ۾ غريبن لاء انصاف ڪجھ سستو ٿي سگھي, ۽ صائمہ جي قاتل کي سرعام عبرتناڪ سزا ڏني وڃي جئين وري ڪا صائمہ ازيت جو شڪار نہ بڻجي, ۽ بار بار سنڌ جو قتل نہ ٿئي.


www.sindhsalamat.com

# ڪير تہ لهندو سار اسانجي

هڪ عظيم فرد جو فرمان آهي تہ غريب ڄمڻ ڏوهہ نہ آهي پر غريب مرڻ ڏوهہ آهي. پر جي اهو مهان شخص پاڪستان اچي ها تہ شايد هو پنهجو موقف مٽائي چوي ها تہ پاڪستان ۾ غريب جو پيدا ٿيڻ ڏوهہ آهي, غربت هڪ مهٽو آهي, اڄ جي هن سماج ۾ غربت کي هڪ گناهہ جيان ڏٺو ٿو وڃي, دنيا جي سيني ملڪن جي پيٽ ۾ پاڪستان ۾ غربت 50 سيڪڙو آهي, ۽ خاص طور تي اسان جي سنڌ اندر 45 سيڪڙو يعني ٻين صوبن جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي سنڌ جتي موئن جو دڙو آهي, ان دڙي جي مٿي اعلي ترقي يافتہ ۽ تجارت ۾ منظم سنڌ جو ثبوت ڏئي ٿي ۽ پچاري ٿي تہ سنڌ ان دور ۾ جڏهن ڪنهن بہ قسم جي ٽيڪنالاجي نہ هئي, تڏهن موئن جو دڙو هڪ ترقي يافتہ شهر هيو, پر افسوس جو اڄ جي سنڌ ۾ نظر وجهجي تہ رات جي انڌيرن ۾ اٽبن وارن سان, ڦاٽل ڪپڙن سان ننڍڙا ننڍڙا گلن جهڙا ٻار فوٽ پاٿن تي ستل ملندا آهن اچن مٿن سان ڪراڙيون هوٽلن تي پنڌي نظر ايندڀون آهن, ۽ اڪثر انهن جي باري ۾ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اهي پنهنجي عادت کان مجبور آهن.

انهن کي پنڻ ۾ ئي مزو ايندو آهي, پر غربت ۾ ڪهڙو مزو, غربت سزا آهي, غربت بيزاري آهي، غربت اقتدار نہ آهي, غربت پنائي ٿي روئاري ٿي, افسوس سنڌ جنهن هميشہ ڌارين کي پناهہ ڏني آهي, ۽ اڄ انهي سنڌ ۾ منهنجي سانگين لاء ڪا چار ديواري نہ آهي, جيڪي سخت سردي ۽ تيز گرمي ۾ بہ انهن فوٽ پاٿن تي ئي سمندا آهن, ڪيڏي نہ شرم جي ڳالهہ آهي تہ هن اسلامي جمهوري پاڪستان ۾ ننڍڙا ٻار جيڪي ان فوٽ پاٿن تي سمهن ٿا جتي ڪتا سمهندا آهن, جتي گاڏين جي گيس مان اٿندڙ ڌودڙ ڪرندو آهي. منهجو سوال آهي تہ ڇا هو انسان نہ آهن. ڇا هو هن ملڪ جو حصو نہ آهن, ڇا انهن جي وڏن هن ملڪ جي آزادي لاء جاکوڙ نہ ڪئي, اسان جا حڪمران جيڪي هر سال اسان تي ٽيڪس جا انبار اچلائيندا آهن, ۽ هر سال قرض جو قهر ڪڙڪائيندا آهن, پوء بہ هي ملڪ غريب ملڪ آهي, هتي ترقي تہ ٿئي ٿي پر ڪامورن جي اثاثن ۾ ۽ اهي غريب ماڻهون مزاڪ بڻجي رهجي ويندا آهن.

مان يا توهان مان ڪنهن بہ فرد ڪنهن ڪاموري جي اولاد کي فوٽ پاٿ تي ستل نہ ڏٺو هوندو. اسين پنڌڙ ٻارن کي خيرات گهرڻ تي چوندا آهيون تہ اوهين پڙهو چو نٿا, پر



www.sindhsalamat.com

ڪڏهن سرڪار جي ڪرتوتن تي نظر نہ ڦيرائي سين، سرڪاري اسڪول جن ۾ ڪا معياري تعليم ناهي, ۽ سرڪاري اسپتال جتي هر مرض جي هڪڙي ئي دوا ڏني ويندي آهي, هن ملڪ جو هر هڪ باشندو هر شيءِ تي ٽيڪس ادا ڪري ٿو , جنهن جي عيوض سرڪار اسان کي ڪا بہ ڍنگ جي سروس مهيا نٿي ڪري , اچ بہ اوهين جي سنڌ جي روڊن تي نڪرندا تہ ڪيئي ماڻهو پٽ تي پيل ڏسندا, افسوس جو پنهنجي سرڪار جي هن سونهاري سنڌ ۾ منهجي مسڪين سانگين لاءِ ڪو گهر ڪونهي, ۽ اهي حڪمران جيڪي چون ٿا تہ اسان عوام جا خادم آهيون.

انهن جي گهرن جون اوچيون ديوارون چرٻٽ نگري جو ڏيک ڏين ٿيون, اسان جا مارو پيا بک مرن ۽ حڪمرانن جون دبئي ۾ هوٽلون آهن, ڪڏهن ڪنهن ان ڳالھ تي غور ڪيو آهي تہ هڪ غريب غريب ڇو آهي غربت ڪنهن جي قسمت جو لکيو ناهي هوندو, غربت پيدا ڪئي ويندي آهي جنهن کي اسان جا حڪمران هٿي ڏئي رهيا آهن, تڏهن تہ هڪ عظيم شخص نيلسن منڊيلا جو فرمان آهي. ”غربت خيرات نہ انصاف سان ختم ٿيندي آهي. ۽ اهو انصاف نالي لفظ ئي تہ ناهي اسان جي ملڪ ۾ جيڪو حڪمرانن جي ڪارن ڪرتوتن جو نتيجو آهي, جي اوهان کي جاڳ نہ ٿي تہ اوهان حڪمرانن هٿان ڪپايا ويندو مهرباني ڪري, ننڍڙن گلن جهڙن معصوم ٻارن جي مستقبل جي باري ۾ سوچيندا, منهجي مسڪين ماروڙن جي باري ۾ سوچيندا.

# سنڌ جي سمبارائن جي تذليل

سنڌ ڌرتي جنهن ڪالهہ هندستان جي پناهگيرن کي مان ۽ مرتبو بخشيو هو. انهن جي نياڻين مٿان سدائين شفقت جو هٿ رکيو. سنڌي ماڻهن جي مهمان نوازي مان اهي پناهگير ايترو تہ متاثر ٿيا هئا جو هو سنڌ جا رهواسي ٿي ويا، سنڌ جي نوازش ۽ سناشيت کي تاريخون پچارن ٿيون. سنڌ جي ادب اخلاقيت کي دنيا داد ڏئي ٿي. پر افسوس جو سنڌ ڌرتي جي منمزاجي جي نسبت سدائين سور ڏنا ويا آهن. ڪالهہ جن کي سنڌو پنهنجي سيني سان لاتو هو اڄ اهي ئي سنڌو ماتا کي ٽوڙڻ گهرن ٿا ائين ئي ڪالهہ ڪنهن قاسم هن ڌرتي جي عزت کي ليٽو ليٽو ڪيو هو ۽ اڄ وري ان قاسم جي پوئلڳن پنهجي پورڪن جي تاريخ کي دهرايو آهي.

ائين ئي اسان جي سنڌ ڌرتي جي شهر ڪراچي ۾ جيڪو هن رياست جو انٽرنيشنل شهر ڄاتو ويندو آهي اتي هن رياست جي وردي پوشن لطيف جي نياڻين جي عزت ۽ آبرو کي لتاڙيو آهي. انهن سنڌو جي تن مٿان ڪپڙا لاٿا آهن انهن رياستي دلالن سنڌ جي سمبارائن کي وارن کان وٺي گهيليو آهي. هن ملڪ جي آئين مطابق هر هڪ باشندي کي حق آهي تہ هو پرامن احتجاج ڪري سگهي ٿو. پوءِ ڪراچي ۾ نياڻين مٿان تذليل هن رياست جي قانون جي پيڪڙي ناهي يا انهن وردي پوشن تي غداري جو ڪيس داخل نٿو ٿي سگهي.

جيڪي رياست جي ٻچ تي سرعام اسان سنڌ واسين تي حملو ڪن ٿا. ائين ڪڏهن بہ ناهي ٿيو تہ وردي پوشن ڪنهن سياستدان جي جلسي تي لٺ بازي ڪئي هجي. چو تہ تاريخ اڃا ايتري بہ پراڻي ناهي تي جو لڪي سگهي. جڏهن عمران خان جي پارٽي جي ڪارڪنن سپريم ڪورٽ جي ديوارن تي شلوارون سڪائيون هيون ۽ جڏهن عمران خان جي ڪارڪنن ريڊزون ۾ داخل ٿيڻ جي جرت ڪئي هئي تہ اتي رياست ماٺ متل هئي ڪنهن جي بہ تذليل نہ ڪئي وئي. پر ڪراچي ۾ سنڌ جي نياڻن جا ڪپڙا ڦاڙيا ٿا وڃن.سسئي لوهار ۽ تنوير آريجو جيڪي پنهنجني وارثن جي آزادي لاء واجهائي رهيون هيون. بجاء انصاف جي انهن نياڻين جي تذليل ڪئي وئي. اسين هن رياست جي وجود کي پاڻ منجهہ اوڙيوسين. اها رياست جنهن جي تاريخ 70سال اڳ جڙي. اهڙي رياست

ڪي 5000 هزار سال اڳ جي سنڌ ڌرتي اپنايو پر هن رياست اسان کي ڏکن ۽ ڏولاون کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي ڏنو هن رياست جي وردي پوشن ڪڏهن اسان جي استادن تي حملو ڪيو تہ ڪڏهن مستقبل جي معمارن شاگردن مٿان ۽ وري ڪراچي ۾ سنڌي نياڻين مٿان تذليل جو قهر ڪڙڪايو ويو جيڪو ناقابل برداشت آهي. اسين سنڌي ماڻهو جيلن ۾ واڙيا وياسين. تشدد جو نشانو بڻياسين. هر دور ۾ اسان کي سنگهرون پارايون ويون. اسان جي قوم کي سدائين لٽيو ويو ۽ اهڙن ظلمن خلاف جيڪي بہ جوان اڀريا سي سرعام ماريا ويا.

سنڌي اهو آهي جيڪو بني ۽ وني تہ جان گهوريندو آهي. هي رياست جيڪا 70 سيڪڙو سنڌ جي آمدني تي هلي ٿي اها ئي سنڌ جي مٿان قهر ڪڙڪائي ٿي. ڪراچي ۾ لڳل ڪيمپ جو صاف موقف آهي تہ هدايت لوهار ۽ ٻين 160 کنيپي گم ڪيل قومي ڪارڪنن کي بازياب ڪيو وڃي. هو ڪي دهشتگرد ناهن. پر هن رياست ۾ دهشتگردن کي بہ عدالت آڏو پيش ڪيو ٿو وڃي. پوءِ هن ڌرتي جا قومي ڪارڪن آخر ڪهڙي ڏوه جا ڏوهاري آهن جو انهن کي اهڙي ريت کنيپي گم ڪيو ويو آهي.

ڪامورا الڪيشن جي تيارين ۾ مشغول آهن هيڏانهن سنڌ جون 160 خاندان پنهنجي پيارن جي آزادي لاءِ پريشان آهن. پر افسوس هن رياست جو وار بہ ناهي چريو انهن تعسباتي روين مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هي رياست سنڌ کي پنهنجو حصو تسليم نٿي ڪري جي سنڌ کي هي رياست پنهنجو حصو تسليم ڪري ها تہ سنڌ ائين ترقي جي راه ۾ ٻين صوبن جي نسبت پوئتي نہ هجي ها. يا مشتاق ڪلهوڙي کي پي ايس ايل ۾ ڪيڏايو وڃي ها. آخر آدم جي اولاد ۾ ڪيتري سگهہ جو هو ظالمن جا اڇليل امبار سهي. ڇو تہ بيوس ٿي بار انن بہ ڦٽا ڪيا. پوءِ اهڙي ظلم تي بغاوت جو اپرڻ واجب آهي.

هن ڌرتي جا ماڻهو رياستي ڏنڊي جي خوف کان پل ڪيترائي خاموش ڇو نہ هجن. پر پنهنجن نياڻين جي عزت ۽ آبرو جي لتاڙ برداشت نٿا ڪري سگهن. هي رياست جنهن کي اسلامي جهموريا پاڪستان چيو وڃي ٿو مطلب هي هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهنجو بنياد مذهب تي رکيل آهي اهو بہ اهڙو مذهب جيڪو انسانيت سيکاري ٿي ماءِ ڀيڻ جي عزت سيکاري ٿي ۽ اخلاقيات جوعلم ڏئي ٿي. پوءِ ڇا اهو مناسب آهي تہ هڪ اهڙو ملڪ جيڪو اهڙي پاڪيزه مذهب جي نالي سان وجود ۾ آيو آهي ان ملڪ ۾ ٿيندڙ ظلم اسرائيل کان بہ وڌيڪ هجن.

جتي نياڻين جون عزتون روڊن تي رلن انهن جا ڪپڙا ڦاڙيا وڃن. پرامن احتجاج ڪندڙن تي لٺ بازي ڪئي وڃي. هن رياست اسان جي سنڌ منجهان گهڻو ڪجهہ ڦٻايو آهي. هي رياست سنڌ منجهان 70 سيڪڙو آمدني جو ڪٽي ٿي جنهن ۾ گئس، تيل، ڪوئلو ۽ ڪوڙ سارا ٻيا وسيلا. سنڌ واحد صوبو آهي جتي هر فصل ٿئي ٿو. هنن نياڻين جا پيئر ڪنپيا ويا، هنن جي دانهن ٻڌڻ ڪان پوليس عدالتون سياسي پارٽيون بشمول قومپرست پارٽيون ۽ هر اليڪشن ۾ سنڌ ڪارڊ کيڏندڙ پ پ پ انڪاري آهين. پرامن احتجاج ڪرڻ تي بہ هنن مٿان رياستي ادارا تشدد ڪن ٿا ۽ اسان ستا پيا آهيون. پ پ پ جي حڪومت جيڪا سنڌين جي حڪومت چئي ويندي آهي ان حڪومت ۾ ئي وڏ ڪان وڏ قومي ڪارڪن ماريا ويا گم ڪيا ويا. سنڌ هن مشڪل گهڙي ۾ تہ اڳئي گذري رهي آهي سنڌ ۾ جبر ظُلم جا روز نوان قصا بہ ڪنهن ڪان ڳجها ناهن پر جيڪو سنڌ جي عاشقن سان هن ڏهاڪي اندر وهيو واپريو آهي انهيء ڪان دنيا واقف آهي ڪيتري ئي وقت ڪان سنڌ جي حقن جي جاکوڙ ڪندڙ سياسي ڪارڪنن کي ڪنيي گم ڪيو ويو آهي جن جي انتظار ۾ سندن ڪٽنب جون اکيون لڙڪ لاڙي رهيا آهن.

اي هن عظيم ڌرتيء جا سپوتو، اڄُ جيڪي زندانن ۾ ٽارچر سيلن ۾ قيد آهن اهي اوهان جي روشن مستقبل جا خواب ڏسندڙ هئا اڄُ انهن جا گهر ياتي لاوارثن جئيان پنهنجي پيارن جي آزادي لاء سراپا احتجاج آهن پر سنڌ ڌرتي جا وارث ڪا اثرائتي موٽ نٿا ڏين. گم ٿيل ڪارڪنن جون نياڻيون جن ۾ سورٺ لوهار سسئي لوهار، تنوير آريجو، نيلم آريجو مسلسل پنهنجي پيارن جي آزاديء لاء روڊن رستن تي نڪتل آهن. اڄُ زندانن مان قيدن مان اها پڪار ٿي اچي جڻُ اها ميار ٿي اچي تہ اي ڌرتيء جا وارثو جن اوهان جي روشن مستقبل لاء ڌرتي جي بقا سلامتي لاء پنهنجي جاني مالي توڙي وقتي قرباني ڏني جيڪي سختين جو عذابن جو جيلن جو ٽارچر سيلن جو ڪاج ٻڌيل آهن اڄُ انهن جون نياڻيون تہ روڊن تي آهن پر اوهان انهن سان ڪيتري قدر نڀايو آهي اي سنڌ جا وارثو اچو تہ هنن نياڻين جا ٻانهن ٻيلي ٿي سيني گم ٿيلن جي مالڪي ڪريون.

# دور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا

ڪي ماڻهون املهہ هوندا آهن جيڪي زنده تاريخ بڻجي ويندا آهن. جيڪي تاريخ ۾ سنهرن اکرن سان لکيا ويندا آهن. ۽ اهي صدين کان پوءِ جنم وٺندا آهن.ائين ئي 21 فيبروري 1930ع تتي هڪ سنهري تاريخ جنهن تي سنڌ ڌرتي جي شهر ٺٽہ جنگشائي جي ڳوٺ منگر خان پليجو جي رهواسي محمد علي پليجو جي گهر ۾ هڪ سنڌ جي سچي سپوت ۽ بيباڪ فرد جو جنم ٿيو. اهو صدين کان پوءِ هڪ سنڌ جو جنم هو. جنهن جو نالو رسول بخش پليجو رکيو ويو. جيڪو سنڌ جي قوميتي سربراهہ اسڪالر، دانشور، ليکڪ طور ڄاتو ويندو آهي.

محترم رسول بخش پليجو پنهجي ابتدائي تعليم پنهجي ئي اباڻي ڳوٺ ۾ پرائي. ۽ ان کان بعد پنهجي سيڪنڊري تعليم لاءِ سنڌ مدرستہ اسلام ڪراچي ۾ داخلا ورتي. ۽ پوءِ سندس گريجيوشن سنڌ لا ڪاليج ڪراچي مان ڪئي ۽ سپريم ڪورٽ جو وڪيل پڻ بڻجي ويو. هن سنڌ ۾ تعليمي ڪوٽ کي مدنظر رکندي سنڌي ڳوناڻن لاءِ تحريڪ هلائي. سندن ننڍي هوندي کان ئي، اردو، انگريزي، ادب ۽ يورپي ۽ اسلامي تاريخ، فلاسافي ۽ پوليٽيڪل سائنس انهن منجهان هڪ پسنديده سبجيڪٽ هيو.

پليجو صاحب ليکڪ ۽ اسڪالر سان گڏوگڏ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو وڪيل پڻ هو. ۽ ان کان بعد هڪ سياستدان پڻ هو. جهن سبب ڪين ايم آر ڊي تحريڪ دوران يارنهن سال جيل ۾ رهيو جنهن سبب ڪين ايمنسٽي انٽرنيشنل 1981ع ۾ پرزنر آف ڪونسائنس جي خطاب سان نوازيو ويو پليجو صاحب جيل جو گهڻو حصو بدنام زمانا ڪوٽ لکپت جيل ۾ گذاريو جنهن دوران هن ڪيترائي ڪتاب لکيا هن ايم آر ڊي، ون يونٽ تحريڪ ۽ ننڍري قوميتن جي تحريڪ پونم ۾ پيش پيش رهيو سنڌ گرلز اسٽوڊنٽس آرگينائزيشن جو قيام پليجو صاحب جو عظيم ڪارنامو آهي جنهن جي ڪارڻ سنڌ جي نياڻين کي الڳ مقام حاصل آهي ان ڪري اڄ بہ عوامي تحريڪ ۾ عورتن جو سڀ کان وڌيڪ انگ آهي.

جڏهن ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جواعلان ٿيو تہ پليجو صاحب ان مئل گهوڙي خلاف جاکوڙ شروع ڪئي ۽ اهڙي ريت اينٽي ڪالا باغ ڊيم ايڪشن ڪاميٽي جو بنياد وڌو ۽

ڪالاباغ ڊيم جي سيني مخالفين کي گڏ ڪري هڪ پليٽ فارم ڏنو جئين اهي سڀ ان مئل گهوڙي جي قيام کي روڪي سگهين.
هن گهڻن ئي تحريڪن ۾ هڪ عظيم ڪردار ادا ڪيو جهڙوڪ عدليہ جي بالادستي، آمرضياء خلاف آواز اٿاريو جهن سبب ڪيس جيل جو منهن ڏسڻو پيو. سياست ۾ عدم تشدد جي ذريعي لانگ مارچز کي هٿي وٺرائي ۽ عوام کي فعال ڪيو هن ڏکڻ ايشيا جي سياسيي ليڊرن ۾ جاگيرداڻي نظام مارشل لا ۽ سامراج توڙي استعمار مخالف جاکوڙ ۾ هڪ منظم ڪردار نڀايو هن پختونن جي اڳواڻ خان عبدالولي سان ملي عوامي نيشنل پارٽي جو بنياد رکيو ۽ ان جو باني سيڪريٽري چونڊجي ويو.
پليجو صاحب هڪ سنو ليکڪ پڻ هو هن 40 ڪتاب لکيا جن ۾ جيل جون يادگيريون، سياست، سماج، ثقافت بين موضوعن تہ بہ منفرد ڪتاب لکيا جيڪي شاگرد طبقي لاء انقلاب جي واٽ واري حيثيت رکن ٿا. رسول بخش انهن ماڻهن منجهان هڪ هو جن پنهنجي سموررري زندگي پهنجي قوم ٻولي ۽ ادب کي انتا اونتا ويچ، پسي ڳاڙها گل، سندي ذات هنجن، چا وفاقي سياست سنڌين لاء حرام آهي ڏڙاڙن جا ڏڪ، جيڪي بنگال سان ٿيو، انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت، وڳ ڪيئن وسريا جهڙن بهترين ڪتابن جو تحفو ڏنو جنهن مان پليجو صاحب جي سچو پچو ادبي عاشق هجڻ جو ثبوت ملي ٿو.
رسول بخش پليجو سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ماڻهن، سنڌي ادب ۽ شاعري سان عشق ڪرڻ وارو سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ڏاهو ۽ مفڪر هو. پليجو صاحب نہ صرف وسيع مطالعي وارو هيو پر سندس حافظو بہ غضب جو هيو جو هر شيء کي دليلن سان پيش ڪندو هو ۽ سندس اڳيان چڱو پلو هار مجيندو هو. پليجو صاحب سان بحث ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. سياستدانن وٽ پليجو صاحب لاء دليل ئي نہ هوندا هئا. سنڌ جي هر اشو تي هميشہ هن ڳالهايو ۽ ان اشو جو احتمام پڻ آندو. هر ڪنهن کي لاجواب ڪري ڇڏڻ سندس قدرتي ۽ ذهني صلاحيت جو مثال آهي. پليجو صاحب پنهنجي هڪ تاريخي خطاب ۾ چيو هو تہ سنڌ اسانجو وطن آهي جيڪڏهن هن ملڪ ۾ 50 ڪروڙ ماڻهون ٻيا بہ اچي آباد ٿين تہ بہ هي سنڌ اسانجو وطن آهي، هي زمين اسانجي آهي جيستائين سنڌي مائرون ٻار جڻينديون رهنديون هي سنڌ اسان جي آهي.

اهڙي ريت هن سنڌ کي هميشہ لبيڪ چيو. ۽ هاڻي هن زنده تاريخ جي وڇوڙي تي سنڌ جڻ تہ يتيم ٿي وئي آهي. پليجو صاحب جڻ تہ تاريخ جو باب بند ڪري ويو آهي. اسان پليجي صاحب جي وڇوڙي تي سنڌ رت جا ڳوڙها رني آهي. ۽ اسين سنڌ واسي سندن گهر وارن سان برابر جا شريڪ آهيون.

# ميرواھ يوٿ ڪائونسل

ٺري ميرواھ جيڪو ضلعي خيرپور ميرس جو دل آهي. جنهن تي ماضي جي ميرن جو نالو پيل آهي ۽ انهي ٺري ميرواھ کي ڪافي عرصي ڪان نظرانداز رکيو ويو آهي. پر هڪ سنڌي پهاڪي جيان تہ اوڙنيهہ ڏنيهن چور جا هڪ ڏنيهن ياڳئي جو ضرور هوندو آهي ۽ اهڙي ريت هيل ميرواھ جا وارث، شعوري نوجوان هڪ منظم تحريڪ جي شڪل ۾ گڏ ٿيا آهن. اها تحريڪ (ميرواھ يوٿ ڪائونسل) جي نالي سان غريب ۽ مظلوم عوام لاء ڪامورن جي پڪيڙيل اونهي اونداھ ۾ ايرنڊڙ امنگ سج جو ڪردار ادا ڪري ٿي ائين ئي باشعور ۽ باصلاحيت نوجوانن سان جوڙيل (ميرواھ يوٿ ڪائونسل) جيڪا غريب ۽ مظلوم عوام لاء واجهائي ٿي. ٺري ميرواھ جو عوام جيڪو سدائين ڏکن ۾ ڏولاون ۾ رهي آهي جنهن هميشہ سردارن، ميرن ۽ پيرن کي پنهنجي قيمتي آڱوٺي سان اقتدارن تائين پهچايو آهي بنسبت ان وافاداري جي عوام کي صرف نارن جو ڏئو ڏنو ويو آهي.

ترقي کان نظرانداز ٺري ميرواھ جا رهواسي هميشہ کان پنهنجي ناقص سوچ جا غلام رهيا آهن پر هيل ٺري ميرواھ جي باشعور نوجوانن جي سوچ سان جوڙيل (ميرواھ يوٿ ڪائونسل) جنهن اهو وچن ورجايو آهي تہ پنهنجي باشعور سوچ ۽ آزاد پرستي سان ميرواھ جي عوام جي ناقص سوچ کي هميشہ لاء هڪلٽو آهي ۽ اليڪشن ۾ ووٽ وٺڻ لاء ايندڙ ڪامورن کان پنج سال گمشدگي جا وجوهات پڇڻا آهن ۽ ايتري قدر جو تڪ تي اهل اميدوار نہ هجن جي صورت ۾ پنهنجو با شعور ۽ باصلاهيت نوجوان اميدوار بيهاريو ويندو چو تہ هاڻي ميرواھ جو عوام ٽڪجي پيو آهي مظلوم عوام جا ڪلها گسي چڪا آهن هاڻي اهي غلامي جو بار نتا کڻي سگهن چو تہ بيوس تي بار انن بہ ڦٽا ڪيا.

اهڙي ريت هاڻي ميرواھ جو عوام پنهنجي شهر ۾ انقلاب چاهي ٿي. (ميرواھ يوٿ ڪائونسل) ٺري ميرواھ جي عوام جي حقن جو پوراء گهري ٿي جئين ميرواهي عوام کي پنهجو اصلي اهنڪار هجي ائين ئي ويساھ گهاتين جي انتها ڪانپوء ڪامورن جي ڪڙڪايل قهر کي مدنظر رکندي ٺري ميرواھ جي هڪ باشعور ۽ زميدار فرد انجنئير عبدالصمد ويسر سڄي ميرواھ منجهہ شعوري سوچ ڪنا ڪري هڪ منظم تحريڪ جو

بنياد رکيو. ميرواه جي پڙهيل لکيل، شعوري ۽ ميرواه لاءِ فڪر رکندڙ نوجوانن کي اعتماد ۾ وٺي هڪ منظم حڪمت عملي جوڙي جنهن ۾ ميرواه جي عوام لاءِ مزاج فڪر ڏيکاريو ويو آهي. ان مزاج فڪر جو مقصد اهو آهي تہ ميرواه جي عوام کي هر ويلي جيان لٽجڻ کان بچايو وڃي.

# انقلاب جو ابو ڊاڪٽر چي گويرا

14 جون 1928ع تي ارجنٽينا جي شهر رُو ساريو ۾ هڪ عظيم انقلابي اڳواڻ جو جنم ٿيو. جنهن کي اڄ انقلاب جو ابو چيو وڃي ٿو اهو مها پرش ڊاڪٽر چي گويرا جي نالي سان غريب ۽ مظلوم عوام لاءِ هڪ امنگيءَ اتساه جي سج جيان تي اڀريو. گويرا 1948ع ۾ University of Buenos Aries ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا ورتي ۽ 1953ع ۾ تعليم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ واپس پنهجي ڏيهہ ارجنٽائن آيو ۽ هڪ ڊاڪٽر طور پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏنيون.

ڊاڪٽر هڪ شعوري شخص هيو. چي گويرا پڙهائيءَ واري ڏٽن ۾ پنهنجي هڪ دوست سان گڏ موٽر سائيڪل تي سير ڪيو ۽ انهيءَ سير هن جي زندگيءَ بدلائي ڇڏي اتان هن جي زندگي کي هڪ مقصد ميسر ٿيو. ڊاڪٽر ان سير منجهہ گهڻو ڪجهہ پرايو ۽ گهڻين شين کي پرکيو. ان سڄي الميي ڪانپوءِ هن ڏٺو تہ ڪيپيٽلزم، نيوڪولزم ۽ امپرليزم هر جاءِ تي قابض آهي ۽ ساڳين شين هن جي قوم کي محڪوم بڻايو آهي، هن جي قوم کي بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو آهي. هن بُک، لاقانونيت ۽ مظلوميت کي تمام ويجهي کان ڏٺو ۽ پوءِ فيصلو ڪيو تہ هڪ جاءِ تي ويهي دوا ڏئي ۽ پئسا ڪمائڻ کان وڌيڪ بهتر آهي تہ انساني حقوق لاءِ ڪم ڪجي ۽ سماج سيوڪ بڻجي ۽ سڄي قوم جي بيماريءَ جو علاج ڪجي.

هن ان ڪانپوءِ اجا بہ وڌيڪ عوام منجهہ رهڻ لڳو، وڌيڪ مشاهدا ڪرڻ لڳو عوام جي سورن کي جاچڻ لڳو انهن المين ڪانپوءِ هن اهو فيصلو ڪيو تہ پنهنجي قوم جي حقن جي حاصلات لاءِ ئي وڙهڻو آهي1955ع ۾ چي گويرا پنهنجي دوست نائيڪو لوپز سان گڏجي فيڊل ڪاسترو سان مليو، جيڪو ان وقت جو انقلابي اڳواڻ هو، چي ملاقات ڪانپوءِ 26 جولاءِ موومينٽ کي بطور ميمبر جوائن ڪئي 1956ع ۾ چي گويرا، فيڊل ڪاسترو ۽ ٻين گڏجي فوجي ٽولن تي حملو ڪيو، سِيرا جي جبلن تائين رسندي رسندي ۽ وڙهندي آخر ۾ صرف 16 گوريلا بچيا ۽ پوءِ ڪجهہ مهينن ۾ منصوبہ بندي ڪري قبضو ڪري ورتو، جنهن ڪانپوءِ انهن ڪيوبا جي علائقن تي ڪنٽرول ڪري ورتو، چي ۽ فيڊل ڪاسترو زمينون هارين ۾ ورهائي ڇڏيون. عوام جي حمايت ڪانپوءِ ڪاسترو ۽ چي گويرا کي يقين ٿي ويو تہ هاڻي هو بٽيستا کي شڪست ڏئي ويندا ۽ پوءِ اهڙي

عوامي حمايت ڪانپوءِ ڪاسترو ۽ چي گويرا ساٿين سميت سِيرا جي جبلن تان لهي، شهرن جو رُخ ڪيو ۽ جلوس ڪڍيا.
جنهن ڪانپوءِ بٽيسٽا آمريڪا سان مفاهمت ڪري ملڪ مان ڀڄي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ 9 جنوري 1959ع ۾ فيڊل ڪاسترو ۽ چي گويرا ڪيوبا جا نوان ليڊر بڻجي سامهون آيا. چي گويرا ڪيوبا کان ڪانگو، ڪانگو کان ڪشاشا ۽ پوءِ بوليويا ويو ۽ پوءِ بوليويا ۾ وڙهندي وڙهندي، بوليويا جي شهر لاهيگورا ۾ 9 آڪٽوبر 1967ع تي زندگيءَ جي جنگ هارائي وينو. ان چار جون تي سندس جنم ڏينهن هيو. اڄ بہ چي گويرا انقلاب جي نشاني ۽ مظلوم عوام ۽ قوم جو حوصلو آهي، اڄ بہ جڏهن ڊڪٽيٽرن جي خلاف مظاهرا ڪڍيا ويندا آهن، تہ ان ۾ چي گويرا جا فوٽو ضرور هوندا آهن. نوجوانن جو عظيم ليڊر آهي. اڄ بہ نوجوان ڊاڪٽر تي فخر محسوس ڪندا آهن. ڊاڪٽر جهڙا ماڻهون ڪي صدين کان پوء پيدا ٿيدا آهن ۽ اتي هڪ امنگي سچ جو ڪردار ادا ڪندا آهن. پنهنجي زندگي ۾ انسانيت جو درس ڏئي ويندا آهن. ڪاش اسان جي ڌرتي بہ هڪ چي گويرا جنمي جئين درد دارن کان درد جو پڇاڙو ٿي سگهي.


www.sindhsalamat.com

# استاد جو اصلي مفهوم استاد نويد علي لغاري

ڪي صديون سال اڳي سنڌ ڌرتي جي انقلابي عورت ماھ راني ودلا پهنجي ڪائنر پٽ کي جنگ وڙهڻ جو جذبو ڏياريندي چيو تہ ” دنيا جا وڏا وڏا ملڪ هڪ ٻئي تي رڳو ذهني جنگ وسيلي ئي برتري حاصل ڪري رهيا آهن. جيڪي فرد يا ٽولا ذهني ۽ عقلي جنگ بغير رڳو ويڙهاند تي سندرو ٻڌندا آهن، سي قوم کي ڪنهن بہ قسم جو ڇوٽڪارو ڏيارڻ بجاءِ، عادي ڏوهاري بڻجي رڳو، چوريون، ڦرون ڪرڻ ۽ ڏاڙا هڻڻ واري عمل ۾ مصروف ٿي ويندا آهن آڳاٽي دور ۾ بہ جنگيون رڳو تلوار ۽ فوج جي زور تي ڪونہ کٽبيون هيون پر ان وقت بہ علم، دانائي ۽ جنگي چاڻ جو سوڀُن ۾ وڏو هٿ هوندو هو. راني ودلا جا تاريخي لفظ علم ۽ عقابري سان سوڀارو ٿيڻ جو پڙاڏو ڏين ٿا, اها تہ تاريخ جي دري مان پاتل هڪ جاتي آهي.

پر جي ڳالھ ڪجي هاڻوڪي سنڌ جي تہ سنڌ ۾ تعليمي نظام درهم برهم آهي. نہ ڪا سٺي حڪمت عملي آهي ۽ نہ وري تعليمي معيار آهي جنهن سبب اسڪول يا تہ بند پيل ملن ٿا يا وري ٻارن جي گهٽ حاضري ڪري اوطاقون بڻيل آهن. جنهن ڪارڻ سنڌ ۾ پرائيويٽ اسڪولن جي اڪثريت سٺي تعداد ۾ آهي ۽ اڪثر وسندي وارن جا ٻار خانگي اسڪولن ۾ ئي پڙهن ٿا. دنيا جي ملڪن جي ترقي ۾ هميشہ تعليمي يافتہ اهل ماڻهن جو مها ڪردار رهيو آهي اهي ماڻهون جيڪي شعوري هجن جن جي نس نس ۾ ايمانداري گردش ڪندي هجي جيڪي سچائي جو خواب رکن, ائين ئي هاڻوڪي سرڪار ڪجھ نوان هيڊ ماسٽرز ميرٽ تي ڀرتي ڪيا هئا, انهن هيڊ ماسترن منجھ نويد علي لغاري بہ چونڊيو ويو هئو ۽ جڏهن استاد نويد علي لغاري (جي بي ايم ايس) شاھ محمد لغاري ۾ بطور هيڊ آف ٽيچر جوائن ڪيو تہ ان وقت اسڪول جي حالت موئن جو دڙو جو ڏيک پئي ڏنو, نہ ٻارن جي حاضري نہ استادن جي سٺي حڪمت عملي ۽ نہ ئي وري تعليمي معيار هو.

پر هڪ اهل ايماندار فرد جي آمد ان اسڪول جو تہ نقشو ئي بدلائي ڇڏيو اهڙي منظم حڪمت عملي جوڙي جو ان ڳوٺ جا رهواسي حيران ٿي ويا تہ ”ڇاواقعي ئي هي هڪ سرڪاري اسڪول آهي,؟ استاد نويد حيسن لغاري جي آمد ڪانپوء اسڪول ۾ ٻارن جي

حاضري رڪارڊ نہ پر يقيني آهي ۽ ٻار روز وقت سر اسڪولي ڊريس, ٽائي, بوٽ پائي ايندا آهن ۽ اسيمبلي ۾ پڻ سٺي نموني حصو وٺندا آهن ان اسيمبلي ۾ سمورا استاد صاحبان بہ وقت سر شريڪ ٿيندا آهن روز پرچم بلند ٿيندو آهي, اسيمبلي ۾ ٻار تقريرون بہ ڪندا آهن ۽ ان سڄي ڪاريا ڪرم ڪانپوءِ اسڪولي شيڊول مطابق پيرڊ بہ هلندا آهن ۽ سمورا استاد پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏيندا آهن.

۽ باقائدا ٻارن ڪي فئير ڪاپيون ڪرائيون ويندون آهن , هفتيوار ٽيسٽ ۽ باقده نتيجن جي جاچ يقيني بڻيل آهي نتيجن جي پڌري ٿيڻ ڪانپوءِ اول ايندڙ ٻارن ۾ باقدعده انعام ورهايا ويندا آهن ۽ آزادي جو ڏڻ, يوم دفاع, 23 مارچ جهڙيون تهوارون پڻ منظم نموني ملهايون ويندون آهن. استا نويد علي لغاري شاگردن جي سٺي ڪارڪردگي ۽ ذهانت کي مدنظر رکندي هيڊ آف بواء , هيڊ آف گرل, ۽ مونيٽر چونديا جئين اهي تعليمي معيار کي منظم ۽ عمدو بڻائڻ ۾ شاگردن طرفان نمائيندگي ڪن, ان اسڪول کي ڏسي هر فرد حيرانيت جو شڪار آهي تہ اهڙي ريت هڪ سرڪاري اسڪول جتي صرف تعازيتن جا تڏا وڇائبا هئا اتي روز صبح سان اسيمبلي ٿيندي آهي ۽ اسڪولي لباس پهريل ٻار قطارون ڪري اسڪول ويندي نظر ايندا آهن.

اصل ۾ ازل کان وٺي اسان جون سرڪارون ڪرپٽ رهيون آهن ان جو مها ڪارڻ اسين خود آهيو ڇو تہ انهن کي اسان ئي سندي ووٽ وسيلي اقتدارن تائين پهچندا آهيون ۽ اهي ڪامورا موٽ ۾ سدائين اسان جي غريب ۽ اڻ پڙهيل عوام کي بيوقوف بڻائيندا آهن ڇو جو اهو عوام تعليم کان خالي هوندو آهي, ۽ پنهنجي ٻچڙن کي بہ پاڻ جهڙو بڻائيندو مطلب تعليم جي زيور کان محروم رکندو آهي ٻيو هو ڪري بہ ڇا تو سگهي ڇو تہ سنڌ جا سرڪاري اسڪول تہ درهم برهم آهن, ۽ خانگي اسڪولن جون فيسون هن جي آمدني کان بہ اوچيون آهن اهڙي ريت غريب جو ٻار آخر غريب ئي ٿئي ٿو. پر استاد نويد علي لغاري جهڙو اهل, ايماندار, فرد جهالت جي اونهي اونداهہ ۾ امنگ اتساه جي ايرندڙ سج جو ڪردار ادا ڪري ٿو جنهن جي روشني جي لاٽ غريب گهراڻي جي ٻارن ۾ اميد پيدا ڪري ٿو تہ هاڻ اسين بہ ڪجھ ڪري سگهون ٿا ڊاڪٽر ٿي سگهون ٿا انجنئير ٿي سگهون ٿا ۽ پنهجي بابا جا سارا تڪ لاهي سگهون ٿا.

مان هيل تائين ڪڏهن بہ ڪنهن سرڪاري اسڪول جي استادن يا هيڊماسٽرز کي داخلائن جي مهم لاءِ روڊن تي ريلي ڪيندي ناهي ڏٺو پر استاد نويد علي لغاري تعليمي

سڌاري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ۽ سندس جاڪوڙ اڄا به جاري آهي هڪ ڏينهن ضرور اها جاڪوڙ رنگ لائيندي جڏهن ان ننڍڙي اسڪول مان ڪيئي ڊاڪٽر، انجنئير، سي ايس ايس آفيسر جنمبا برحال عظيم انسان، مها پرش استاد نويد علي لغاري کي ٻنهي هٿن سان سلام قبول پوي جنهن پنهجي قابليت سان استاد جو اصلي مفهوم سمجهايو آهي.

# پنهجي ستل ضمير کي ڏوڙو ڏيو

ووٽ کو تحفو، ملڪيت، قرض ۽ نظرانوناهي جو اوهين ائين ئي ڪنهن کي سونپي ڇڏيو ووٽ ضمير جو آواز آهي جيڪو هر فرد جي اندر منجهان اڀري ٿو ان فرد ۾ سوچڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿو تہ تنهنجي ووٽ جو باقاعده اهل حقدار ڪير آهي اهو سوچڻ ۽ پرکڻ وارو الميو تڏهن پيش ايندو آهي جڏهن اهو ضمير يعني اندر جو انسان زنده هجي انڪري جو هي اندر جو انسان جنهن کي ضمير سڏجي ٿو اهو بغاوتي آهي اهو ايتري قدر سچو ۽ پڪو آهي جو هو پنهجي ظاهر سان بہ بغاوت ڪندو آهي ۽ ملامت بہ ڪندو آهي پر وري ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ضمير تي ڀاري پئجي ويندو آهي ۽ انجي مرتيو يعني موت يقيني بڻائي ڇڏيندو آهي ان موت جو ڪارڻ ٻاهرين ظاهري پرش جي ناقص سوچ جو هجڻ آهي جيڪو هن کي خودپرستي، لالچ، حوش جا خواب ڏيکاري ٿي.

جنهن ڪارڻ هو پنهجي اندرين انسان کان ڪيئي ڪوهہ پري ٿي ويندو آهي ۽ صحيع سوچڻ جي صلاحيت کي وڃائي ويهندو آهي پوءِ انجي برعڪس هو هڪ ڪٺ پتلي غلام بڻجي ويندو آهي يا رستي تي اڇليل ڪنهن بي وزني ڪاغذ جيان بڻجي ويندو آهي جيڪو هواء جي زورو تي پيو هت هت رلندو آهي ۽ اهڙي ۾ هو ڪنهن نااهل اميدوار کي منتخب ڪندو آهي. هميشہ انهن مظلومن جي ووٽن جو فيصلو نا اهل وڏيرا ۽ پوتار ڪندا آهن سندن ڪوڙن ۽ هر دفعي جي دهرايل وائدن جي اوٽ ۾ پر هي عوام اڪين هوندي بہ ڇو نٿي ڏسي سگهي تہ جڏهن هو فصلن جا حسابي قلم تڪن تيرن جيان واهن ٿا تہ اهي ئي اسان جا خدمت گار ڪئين ٿا بڻجي سگهن جيڪي پاڻ متي ۽ اسان کي هيٺ ويهارين ٿا پاڻ اچڻ بدران اسان کي سندن اوطاقن تي گهرائن ٿا اهي ماڻهو اڳئي هلي خدمت ڪئين ڪندا.

جيڪڏهن هڪ نظر سان ڏٺو وڃي تہ پاڪستان جي مها آمدني ذرعي وسيلن منجهہ ملي ٿي جيڪا هاري پوريهتن جي مدد سان اوگهي ٿي جيڪي پنهجو ماس نپوڙي بنجرڪيتن کي زرخيز بڻائن ٿا انجي برعڪس انهن کي سرڪار طرفان ٽڪي ٿو ملهہ ڏنو ٿو وڃي. هي مظلوم ۽ ابوجهہ عوام ايڏو تہ هيسائل آهي جو سندن متان ڪيل ظلمن جو ازالو بہ نٿي وني سگهي، هن ڏرتي متان هميشہ اوچي ذات جي قومن حڪومت ڪئي آهي ۽

نيچي ذات وارن حاڪمن جي حڪمن جي پاسداري ڪئي آهي تاريخ موجب پراڻي دور جو اوچيون ۽ نيچيون ذاتو طاقت سان توربيون هيون پر اڄ جي هن دجالي دور ۾ قومن جي اوچايت دن دولت سان توربي آهي جنهن وٽ دن آهي اهوئي حڪومتن تي فائض آهي ڪڏهن ڪو بہ غريب عوام يعني نيچي ذات وارن مان ڪو بہ اقتدار تي فائض ناهي ٿيو. مطلب جنهن وٽ پئسو آهي اهو ئي ايم اين اي ۽ ايم پي اي آهي.
پئسي وارا اليڪشن جي ڏيهاڙين ۾ غريب عوام مٿان ٿورڙي پئيسي جي سيڙپڪاري ڪن ٿا ۽ اقتدار تي پهچڻ بعد سڄو ڪجھ سئي سڳي سميت وصول ڪن ٿا ۽ پوءِ عوام طرفان چونڊيل نمائدن جا چهرا ٿر ۾ بارش پوڻ مثل ٿي وڃن ٿا ۽ هي مظلوم عوام ساڳئي ئي هال ۾ رهجي وڃن ٿا جيڪڏهن پل ۾ ڪڏهن سائين جن جي نگاه ڪرمي سان ڪٿي ڪو روڊ رستو تعمير ڪيو ويندو آهي تہ بہ ان ڪم تي ٺيڪيدارن طرفان گپلو هنيو ويندو آهي يعني ان روڊ لاءِ سرڪار طرفان منظور ٿيل بجيٽ جو صرف ٿيون حصو خرچ ڪيو ويندو آهي، جو تہ انهن ڪامورن جو مقصد صرف ظاهري ڪم آهي جنهن جي اوٽ ۾ هو وري هن هيسايل عوام کي لٽي سگهن. انڪري هو اهڙا روڊ تعمير ڪرائيندا آهن.
جيڪي صرف هنن جي حڪومت تائين ئي هلي سگهن، ۽ انهن جي اهڙي عمل تي هي هيسايل عوام خوش ٿيندي آهي ۽ سائين وارن جا پير چمندي آهي، جو ت لاشعوريت جي ڪري اهي علم ۽ ڄاڻ کان بلڪل بہ خالي هوندا آهن. انهن کي شايد اها سڌ ڪانهي تہ اسين هن ملڪ جي هر هڪ شيءِ تي ٽيڪس ادا ڪندڙ فرد آهيون جنهن جي نسبت سرڪار تي اهو فرض آهي تہ هن رياست جي ماڻهن کي، صحت، تعليم، روزگار وغيره جهڙيون سهولتون مهيا ڪري جيڪي فرضي طرح آهن تہ صحيح پر ناڪارا بڻيل آهن مطلب جي صحت شعبي ڏانهن نهاريون ٿا تہ ذهنن منجھ سرڪاري اسپتالن جو نقشو اڀري ٿو جتان جا ڊاڪٽر صاحبان ايترا تہ هوشيار ۽ پختا آهن جو مريضن کي هر مرض جي هڪڙي ئي دوا ڏيندا آهن. هن مظلوم عوام کي سڀ پرکيل ۽ ڏٺل آهي تہ جيڪا اسان کي سرڪار سهولتون مهيا ڪري ٿي اهي سموريون سهولتون ناڪارا بڻيل آهن.
پوءِ بہ هو ووٽ کي ٽڪي ملھ وڪڻن ٿا. حقيقت ۾ ووٽ جي مفهوم مان لا شعور ماڻهو اڻواقف آهن تڏهن تہ هو ووٽ جي صحيح پرک نٿا رکن جڻ اکين تہ ڪاري پٽي ٻڌهيل هجين. ووٽ جو اصلي مفهوم اهو آهي تہ اوهين پنهجي ذهانت سان چڱي، نيڪ،

ايماندار ماڻهن کي چونديو جيڪي اوهانجي رهنمائي لائق هجن پر اڄ جو عوام ان مفهوم کان بلڪل بہ ابت آهي هو ووٽ کي قرض سمجهي ٿي، امانت سمجهي ٿي, جي انهن ما ڪجھ بہ نٿي سمجهي تہ پوءِ ٽڪي ملھ شيءِ سمجهي ٿي.

هن کان وڏيڪ سڌ ڏيارڻ جو مثال ڪهڙو هجي جو اسان جا سياستدان خود هن رياست جي تباهڪاري جو ثبوت ڏين ٿا جيئن سياستدانن جي خانداني فردن جو اعلاج لنڊن ۾ ٿيندو آهي جنهن مان پختو ثبوت ملي ٿو تہ هنن جي نظر ۾ هن ملڪ ۾ ڪو بہ اهڙو اسپتال ناهي جتي تسلي بخش ۽ سنو علاج ٿي سگهي پر پوءِ بہ هي عوام انهن ڪامورن جي گاڏين آڏو پيا نچندا ۽ ڪڏندا آهن انهن جي گاڏين جي گهس مان اڏيل ڌوڙ پنهجي منهن ۾ وجهندا آهن برهال وري اها موسم آئي آهي جڏهن عجيب چهرا ڏسڻ ۾ نظر ايندا آهن جيڪي پنج سال پهريان نظر آيا هئا اهي ساڳيا هوال ڪندا هر دفعي جا دهرايل جملا ٻڌڻ ۾ ايندا اهي ساڳيا ڪوڙا وائدا ڪيا ويندا جيڪي انهن پنج سال پهريان ڪيا هئا پر اوهان وٽ هڪ وڏو هٿيار آهي جنهن سان توهين پراڻا چهرا مٽائي سگهو ٿا.

اوهين پنهجي ٻارن لاءِ سني تعليم, صحت, روزگار جي يقيني ضمانت وٺي سگهو ٿا اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اوهين ووٽ ڏيڻ کان اڳ پنهجي ستل ضمير کي ڌوٽو ضرور ڏئي ڏسجو متان اوهان جو ستل ضمير جاڳي پوي ۽ ڪنهن اهل اميدوار کي ڪامياب ڪرائجو جئين اهو سياڻي ايوان ۾ اسانجي حقن حوڪو ڏي. برهال هن دفعي ووٽ جو صحيع استعمال ڪريو ۽ پنهجي نسلن کي غلامي کان آجو ڪريو.

# نري ميرواهہ پبلڪ لائبريري تحريڪ

ميرواهہ پريس ڪلب آڏو ميرواهي نوجوانن پنهجي شعوريت جو پڪو ۽ پختو ثبوت ڏنو, لائبريري مهم ۾ سنئي تعداد ۾ شاگردن, نوجوانن جي شرڪت ٿي, جتي ميرواهہ يوٿ ڪائونسل جي نوجوانن ميرواهہ يوٿ ڪائونسل جي چئيرمين انجنئير عبدالصمد ويسر, ثاقب بلوچ, شيراز جوڳي, محمد مقصود ويسر، نصرالله شر، جنيد جوڳي، نعيم الله جوڳي ۽ ٻين باشعور فردن موقف ڄاڻائيندي چيو تہ اسانجي اڻٽڪ جاکوڙ جاري رهندي جيسين سوپ مقدرنہ بڻجي اسين ٽڪڻ وارن منجهہ ناهيون اسانجي جاکوڙ سياسي جاکوڙ ناهي اسين تہ تعليم لاءِ جاکوڙي رهيا آهيون.

اسين تہ هڪ لائبريري لاءِ گهر ڪري رهيا آهيون جئين ان لائبريري منجهان ميرواهہ جي مستقبل جا مهمار نڪرن. اسانجو صاف ۽ چٽو موقف آهي تہ اسان کي ميرواهہ لاءِ لائبريري ڏني وڃي جيڪو اسانجو بنيادي حق آهي ميراواهہ تعلقي جو ليٽريسي ريٽ ٻين تعلقن جي متبادل تمام سٺو آهي انجي باوجود بہ ميرواهہ جي شاگردن کي تعليمي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي.

دنيا جي هڪ عظيم مها پرش جو فرمان آهي تہ تعليم هڪ وڏو هٿيار آهي جنهن کي توهين دنيا جي بدلائڻ واسطي استعمال ڪري سگهو ٿا. حقيقت ۾ تعليم ملڪن جو ترقي ڏانهن ويندڙ واٽ آهي ۽ اڄ بہ اهي ملڪ دنيا جي ٻين ملڪن تي قابض ۽ حاوي آهن جيڪي تعليمي لحاظ کان اڳيرا ۽ عمده آهن. اسين هميشہ ٻڌو آهي تہ تعليم انسان جي ٽئين اک آهي اهو ٽيون اک ٻين ٻن اکين جيان ڏسڻ جو ڪم نٿي ڪري بلڪ اها اک شعوري اک آهي جيڪا اسان کي دنياوي دستور معاشري جي ريتن رسمن صحيح غلط جي پرک کان واقف ڪري ٿي. جيستائين سرڪاري اسڪولن منجهان معياري تعليم مهيا نہ ڪئي ويندي تيسيتائين ڪجهہ بہ سڌرڻو ممڪن ناهي ان ڳالهہ کي مدنظر رکندي نري ميرواهہ جا نوجوان هڪ منظم تحريڪ جي شڪل ۾ ڪنا ٿيا آهن, ۽ سندن موقف ڄاڻايو اٿن تہ ميرواهہ جي اسڪولن جون حالون ڪنهن صديون سال پراڻن کنڊن جو ڏيک پيون ڏين جي ڪجهہ بچيل اسڪول آهن تہ اتي بہ صرف تعازيتن جا تڏا وڇائبا آهن.


www.sindhsalamat.com

خيرپور جيڪو پنهجي وقت ۾ هڪ آزاد خوشحال رياست جي حثيت رکندو هيو ۽ اڄ جي حڪمرانن طرفان خيرپور جي دل تعلقي نري ميرواهه کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي جنهن مجهان تعليم هڪ اهم پهلو آهي جيڪو هڪ زيور آهي جنهن کي اسين لٽڻ کونہ ڏينداسين ميرواهه پبلڪ اسڪول تي شعوري نوجوانن جي مجموعي وچن ورجايو تہ اسين نري ميرواهه ۾ لائيبريري جي گهرج لاء هڪ مهم هلائينداسين جنهن ۾ اسين نري ميرواهه جي شاگردن لاء واجهائينداسين تہ لکن جي تعداد ۾ آبادي رکندڙ نري ميرواهه سنن تعليمي ادارن کان محروم ڇو آهي.

نري ميرواهه جا نواجوان ميرواهه يوٿ ڪائونسل نالي هڪ تحريڪ جيڪا اڳ ۾ ئي ميرواهي عوام جي دردن جي درمان لاء واجهائي رهي آهي سمورن يڪجاء ٿي ان ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ وچن ورجايو تہ هاڻي تعليم جي بقاء لاء ڪم ڪبو. ميرواهه يوٿ ڪائونسل سندو صاف موقف ڄاڻايو آهي تہ تعليم ميرواهي شاگردن جو بنيادي حق آهي ان لاء اسين وس وارن آڏو نري ميرواهه لاء لائيبريري جي پرچار رکون ٿا جيڪو اسان کي هر حال ۾ عملي طرح ملڻ کپي ڇو جو ميرواه جا واسي ميرواه ۾ تعليم جي اڻپورائي سبب ٻين شهرن جو رخ ڪن ٿا جهڙوڪ راڻيپور, خيرپور, سکهر وغيره جنهن سبب وسندي وارن جا ٻار تہ تعليمي واٽ ڏانهن هلي پون ٿا پر غريبن آڏو غربت جا بند رستا روڪ ڪري ويهي رهن ٿا جنهن ڪارڻ غريب جو ٻار غريب ئي رهي ٿو هاڻي ميرواهه جي عوام متحد ٿي پچاريو آهي تہ اسين سڀ يڪجاء ٿي ميرواهه يوٿ ڪائونسل جي پليٽ فارم تان پهرين جولاء تي نري ميرواهه لاء لائيبريري جي مهم هلائي ويندي جنهن جي وابستگي ڪنهن بہ سياسي پارٽي سان نہ آهي بلڪي هي تحريڪ هڪ امني طريقي سان هلائي ويندي جنهن جو صاف ۽ چٽو موقف آهي تہ اسين نري ميرواهه لاء لائيبريري جو گهر ڪيون ٿا جيڪو اسان جو بنيادي حق آهي.

نري ميراوهه تجارتي توڙي تعليمي لحاظ سان ٻين تعلقن کان کي ئي ڪوهہ اڳيرو آهي پراسان جي شهر جي ترقي آڏو تعليمي سهولتن جا اڻاٽ بند ڪيريل آهن. جي نري ميرواهه کي سندي تعليمي سهولتن جو پوراهه ملي تہ نري ميرواهه شايد پيرس جو ڏيک ڏئي ڇو تہ نري ميرواهه جا نوجوان تعليمي حساب کان اڳيرا آهن ميرواهه جا نوجوان شعوريت, شناسيت, ۽ اعلي اخلاقن سان پرپور آهن, سڄي پاڪستان ۾ ٿيندڙ ٽيسٽن ۾

اسان جي ميرواهي نوجوانن جو انگ ٻين جي نسبت سٺو هوندو آهي جيڪو ميرواهه جي تعليمي يافتہ هجڻ جو پڪو ۽ پختو ثبوت آهي ,اسان جي ميرواهه ۾ تعليمي سهولتن جو ڪوٺ تہ آهي ئي پر ان ڪان علاوه ميرواهه ٻين شين جهڙوڪ, عيدگاه, عوامي پارڪ , لائبريري, تفريح گار هندن ڪان بلڪل بہ محروم آهي شايد اهڙي محروميت جو اهو ئي سبب آهي جو اسين هر گهاء جي موٽ ۾ سڏائين خاموش رهيا آهيون هاماليہ جي جبلن جيڏو شعور هوندي بہ اسين ڪڇڻ ڪي ڪفر سمجهيو آهي پر اهو هميشہ الميو رهيو آهي تہ خاموش ۽ لاشعور ماڻهون هميشہ ظالمن جي پيرن هينان لتاڙيو ويو آهي جيڪو پنهجي زبان ڪي چوري نٿو سگهي اهو ڏونگر ڪئين ڏاري سگهندو.

پر ميرواهه واسين هميشہ محروميت جو ٺيڪو ناهي ڪنيو نيٺ اماوس جي رات ڪٽڻي آهي ۽ پرهہ جو پرپات ڦٽڻو آهي هڪ امنگ ۽ اتساهہ جو سج اڀرڻو آهي پوء ان سج جا ڪرڙٽا نيٺ تہ جهالت جي ڪوٺن ڪي ڪيرائيندا اهو الميو تڏهن پيش ايندو جڏهن نوجوان سوچڻ شروع ڪندو ۽ سندي حقن لاء واجهائيندو, ائين ئي هاڻ ميرواهه جا نوجوان مستقبل جا مهمار جاڳيا آهن پنهجي حقن واسطي واجهائڻ لاء هڪ شعوري چين ناهڻ لاء جنهن تي ظلم جو تکو تلوار ڏڪ هٽڻ سان پاڻ ٽٽي, پوي برحال مان بحيثيت هڪ عام فرد جي ميرواهہ جي سيني شاگرد دوستن کي گذارش ٿو ڪريان تہ اچو اسان سان گڏجو جئين اسين ميرواهہ يوٿ ڪائونسل جي پليٽ فارم تان سندي تعليم جي سهولتي ڪوٺ ڪاڻ ڳالهايون ۽ ميرواهہ لاء لائيبريري ڪاڻ واجهايون, سندي تعليمي بقاء لاء هر ممڪن ڪوشش ڪريون ميرواهہ جو مستقبل سنواريو ۽ ميرواهہ لاء آئيندي جو اونهو ڪيون.

# ڪپتان کان وزيراعظم تائين

5 آڪٽومبر 1952 ع تي پاڪستان جي ٻئي نمبر وڏي شهر لاهور ۾ هڪ پرش جو جنم ٿيو جنهن جي باري ۾ ڪنهن کي ڪا بہ سڌ ڪا نہ هئي تہ هڪ ڏينهن اهو پرش پاڪستان جو وزيراعظم ٿيندو, عمران خان جو اصل نالو عمران احمد خان نيازي آهي سندس والد جو نالو اڪرام الله خان نيازي هو جيڪو پنجاب ۾ هڪ سول انجنئير هيو, عمران خان سندي والد کي هڪ اڪيلو پٽ آهيہ ۽ سندس چار ڀينرون پڻ آهن, سندس والده جو نالو شوڪت خانم هو جيڪا ڪينسر جهڙي موزي مرض ۾ مبتلا هجڻ ڪري هن فاني جهان کي الوداع چئي وئي جنهن جي ڪري عمران خان شوڪت خانم ڪينسر هاسپيٽل جو عمارت اڏيو عمران خان ابتدائي تعليم ڪيٿڊرل اسڪول لاهور منجهان پرائي ۽ جنهن ڪاليج ۾ پڙهندو هئو ان ڪاليج جو نالو اچيسن ڪاليج لاهور آهي.

عمران خان ابتدائي تعليم جي اختتام ڪانپوءِ اعلي تعليم لاءِ برطانيہ جو رخ ڪيو ۽ برطانيہ ۾ رائل گرامر اسڪول ۾ پڙهندو رهيو, ۽ پوءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي منجهان بي اي هونرس ڪئي ۽ ائين ئي 1974 ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪيپٽن پڻ چونجي ويو, عمران خان پاڪستان نيشنل ڪرڪيٽ ٽيم جوائن ڪرڻ کان پهريان ڪرڪيٽ جو آغاز 1969۾ لاهور طرفان سرگوده خلاف ميچ ڪيڏي ڪيو ان ڪانپوءِ 3 جون 1971 ۾ پاڪستان نيشنل ڪرڪيٽ ٽيم جوائن ڪيو عمران خان انٽرنيشنل سطع تي پهريون ميچ بہ 1971 ۾ انگلينڊ جي خلاف ڪيڏيو, ان وقت عمران خان جي عمر تقريبن 21 سال هئي.

عمران خان 1973-1975 تائين آڪسفورڊس بليوز ڪرڪيٽ ٽيم لاءِ ڪيڏندو رهيو, عمران خان 1976 ۾ مستقل طور تي پاڪستان واپس آيو ۽ لڳاتار ٻن سالن تائين سندي قومي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ ڪيڏندو رهيو جنهن ۾هن نيوزلينڊ ۽ آسٽرليا جي ٽيم جو مقابلو ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ ويسٽنڊيز آسٽريلين سيريز ڪيڏڻ ويو جتي هن جو ملاقات ٽومي گيريج سان ٿيو جنهن ڪانپوءِ عمران خان ورڊ ڪرڪيٽ سيريز ڪيڏڻ شروع ڪيو, عمران خان سريلنڪا جي خلاف هڪ اينيگ ۾ پنج وڪيٽون وٺي دنيا جي تيز ترين فاسٽ بالرن ۾ شامل ٿي ويو اهڙي ريت عمران خان قومي ڪرڪيٽ ٽيم لاءِ پنهجا ڪارنامہ سرانجام ڏيندو رهيو ۽ مداحن جو آئڊيل بڻبو رهيو.

عمران خان اهو پهريون ڪپتان آهي جنهن جي سربراهي ۾ قومي ٽيم پارت ۾ انگلينڊ ڪي سندي ئي هوم گرائونڊن منجھ هارايو. پاڪستان جي قومي ٽيم 1992 ۾ عمران خان جي سرپرستي هيٺ دنيا جو پنجون ورلڊ ڪپ کٽيو جيڪو هڪ وڏو اعزاز آهي جنهن ڪري عمران خان کي هلال امتياز سان پڻ نوازيو ويو. اهڙي ريت ورلڊ ڪپ جي فتح کانپوءِ عمران خان رٽائرمينٽ جو فيصلو ڪيوان ڪرڪيٽ کان باضابطہ طور رٽائرڊ ٿي. سماج سيوڪ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي ريت هن ايشيا جو سڀ کان وڏو ڪينسر اسپتال سندس والده جي نالي سان هڪ فلاحي ٽرسٽ وسيلي قائم ڪيو. اهڙي ريت عوامي ڀلائي لاءِ جاکوڙيندو رهيو جنهن جي ڪري ڪيس آسٽرليا جي هڪ اوڊ نيسالن نالي اخبار پرڪشش مرد جو لقب پڻ ڏنو. عمران خان 25 اپريل 1996۾تحريڪ انصاف نالي هڪ پارٽي متعارف ڪرائيندي سياسي دنيا منجھ پهريون قدم رکيو. سياست جي ابتدائي دور ۾ ناڪامين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ائين ئي 1997 جي اليڪشن ۾ سندس پارٽي ڪنهن بہ سيٽ تي سوڀاري نہ ٿي. پوءِ وقت جي ڪجھ گذرڻ کانپوءِ وري 2002 جي اليڪشن ۾ سندس پارٽي صرف هڪ سيٽ تي ئي سوڀاري ٿي.

ان کانپوءِ پرويز مشرف جي سرپرستي ۾ ٿيندڙ 2008 ع واري اليڪشن ۾ سندس پارٽي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ کان انڪار ڪيو2007ع ۾ مشرف پاران لاڳو ڪيل ايمرجنسي کانپوءِ ڪيس گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي پر خان صاحب پوليس کي سرمو پارائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. آخر ڪجھ ڏنهن بعد پوليس عمران کي گرفتار ڪري ورتو. جيل ۾ چار ڏنهن رهڻ کانپوءِ عمران خان ڊيرا غازي خان جيل ۾ بک هڙتال شروع ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس اچانڪ آزاد ڪيو ويو. اهڙي ريت عمران خان جيل ۾ اٺ ڏنهن گذاريا. ان کان پوءِ 2011ع ۾ عمران خان لاهور ۾ هڪ جلسي سان خطاب ڪيو جنهن ۾ تقريبن هڪ لک ماڻهن شرڪت ڪيو. جيڪو ان وقت جي سرڪار خلاف هيو ,ائين ئي ڪجھ ڏنهن کانپوءِ هن وري هڪ جلسو ڪراچي ۾ پڻ ڪيو جتي پڻ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهون شريڪ ٿيا. ڪاميابي جو ڪرڻو نظر اچڻ بعد عمران خان 2013ع ۾ هڪ جلسي دوران ”نيا بني گالا پاڪستان“ جو تجويز پيش ڪيو ,ائين ئي عمران خان هڪ نئي سج جيان ابرڻ لڳو. عوام جي ڇهڇٽن جو موضوع بڻجندو رهيو . پنهجي منصور جو پرچار ڪرڻ لڳو. ان وقت جي سرڪار خلاف اٿي بيٺو ۽ اهڙي ريت عمران خان سندي ڪارڪنن سميت لاهور کان اسلام آباد تائين لانگ مارچ ڪيو ائين ئي ٻئي ڏنهن تي سندس ريلي اسلام آباد پهتي. جتي 126 ڏنهن تائين سندس

موقف تي اٽل رهيو ,پوءِ آخر هڪ وڏي عرصي ڪانپوءِ سندس ڪافلي ريڊزون تي ڪاه ڪيو, جتي پوليس سان ڇڪرا ٿيو جنهن سيپ الجزيره جي رپورٽ مطابق ان ڇڪتاڻ ۾ تحريڪ انصاف جا 3 ڪارڪن شهيد ۽ 595 زخمي ٿيا هئا, جنهن ۾ 115 پوليس آفيسر پڻ شامل هئا, ان وقت عمران خان جو صاف ۽ چٽو موقف هيو تہ ن ليگ پاران عوامي مندبيٽ تي درٽو هنيو ويوآهي.

عمران خان ان وقت جي سرڪار کان گهر ڪئي تہ صرف چار تڪ کوليا وڃن پر سرڪار طرفان ڪو تدارڪ نہ ٿيو هو ريڊزون واري ويڙهاند کي مدنظر رکندي آخر سپريم ڪورٽ طرفان نوٽيس ورتو ويو ۽ پي ٽي آء جي موقف موجب چار تڪ کولرايا ويا هئا,, ۽ ٿيو بہ ائين جو حقيقت ۾ انهن چئن تڪن تي هزارن جي تعداد ۾ جالي ووٽ نڪتا هئا, اهڙي ريت عمران مٿان عوام جي بروسي ۾ واڌارو آيو ۽ عمران خان عوام ۾ مقبوليت ماٽيدو رهيو عمران خان ڪيترن ئي اتياچارن خلاف واجهايو, جهڙوڪ, ڪرپشن, غيرملڪي امداد بارهين ملڪ پيل عوامي پئسو, ملڪ ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافي, جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جي ان وقت جي وزيرعظم نوازشريف مٿان احتساب شروع ٿيو ۽ سندس ڪيل ڪرپشن تي سوگهو ڪيو ويو ۽ نواز شريف کي تاحيات نااهل قرار ڏنو ويو ۽ ڪيس ڏيءِ نياٽو سميت آڊيالا جيل جو منهن ڏيکاريو ويو ,۽ ڪيس سزا پڻ بڌائي وئي ائين ئي عمران خان وڌيڪ ماٹهن جي دلن منجهہ رهڻ لڳو, آخر اهو وقت بہ اچي پهتو جنهن ڏڻ اهو طع ٿيندو آهي تہ ڪير ملڪ جون واڳون سياريندو,

25 جولاء 2018ع جي اليڪشن ۾ عمران خان جي ٻاويهہ سالن جي جدوجهد رنگ لاتو ۽ هن وڏي اڪثريت سان سيٽون حاصل ڪيون,ٻاويهہ سالن جي جدوجهد بعد عمران ڪا 18 آگسٽ 2018ع تي هڪ ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتان بطور وزيراعظم جي حلف ڪنيو, هڪ ڪرڪيٽر هاٽي هن ملڪ جو وزيراعظم آهي هن ملڪ جي عوام هڪ وڏي تبديلي تہ آندي آهي جو هڪ ڪرڪيٽر کي وزيراعظم بٹايو آهي هاٽي ڏسجي تہ وزيراعظم عمران خان ڪهڙي تبديلي ٿو آڻي برهال جدوجهد کان ڪڏهن نہ ٿڪجي ڪيل محنت هڪ ڏنهن ضرور نگ لاهيندو آهي, ۽ خوابن کي حقيقت بٹائيندو آهي.

# اوچتو مات مٿل آواز

سنڌ جيڪا هڪ امن جي ڌرتي آهي جنهن جي سونهن لطيف سرڪار پنهجي سرن ۾ بيان ڪئي آهي, سنڌ جيڪا سيد جي فڪر آهي, جنهجي امن پري ٿڌڙي هير جي پچار اسان جي پياري نبي ڪريم بہ ڪئي آهي پر افسوس جو هن ڪير جيان پاڪ ڌرتي کي ڪجھ درنڌن خون سان رنگيو , ڪڏهن ڪنهن پاء پاٽي جي واري جي عيوض پنهجي معصوم پيڻ کي ڪاري هجڻ جي داڳ ڏئي کهاڙي سان چچريو تہ ڪڏهن وري ننڍين ننڍين ڳالهين تان قبيلائي جهيڙا عروج تي پهچندا رهيا ۽ ان سان ڪيترائي خون وهندا رهيا ۽ پاند پاند جي چڪر ۾ ڪئي خاندانون مٽيءَ جو ڍير بڻجي رهجي ويون. اسان جي جهالت پريل معاشري ۾ هميشہ ڪنهن عورت تي ظلم ڪرڻ واري کي غيرت مند سمجهيو ويوآهي پر حقيقت ۾ اهو غيرت مند ٿي ئي نٿو سگهي جيڪو ڪنهن عورت تي ظلم ڪري.

اسان جي هن ڌرتي تي ڪيترائي ئي دل ڏڪوئيندڙ واقعا ٿي چڪا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿا پر هڪ واقعي هاءن کي ڌوٽي وڌو, ائين ئي هڪ فنڪارا کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو, فنڪار جيڪو پنهجي فن سان ٻين جي روح کي راحت رسائي ٿو, پنهجا درد دل ۾ رکي ٻين جي خوشي خاطر چپڙن تي مسڪراهٽ جي ويکير آٽي ٿو جيڪو هميشہ اسان جي خوشين کي خوشگوار بڻائي ٿو, پر افسوس جو لاڙڪاڻي ۾ ڪنهن شادي جي تقريب ۾ ڪنهن معصوم ڪوئل جي منڙي آواز کي دٻايو ويو ۽ ان جي سرن کي هميشہ لاءِ قبر جي قيد ۾ واڙيو ويو, ائين ئي مظلوم فنڪاره ثمينہ سنڌو کي هڪ شراب ۾ ڌت بدڪردار درنڌي سرعام گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو, ان دردنڌي نہ صرف هڪ مظلوم ثمينہ جو قتل ڪيو بلڪي ثمينہ جي ڪوک ۾ پلجندڙ هڪ معصوم ٻار جو بہ قتل ڪيو جيڪو هڪ تازو ئي ٽرنڊڙ گل جيان هو, جنهن اجا دنيا ۾ جهاتي ئي نہ پاتي تہ ان گل کي ڪماتيو ويو, هاڻي مظلوم ثمينہ تہ ناهي رهي پر جي ڪجھ رهيو آهي تہ ثمينہ جي خون جي انصاف جو سوال, ڇا ثمينہ سان انصاف ٿيندو بہ يا نہ يا صرف اهو انصاف ڪوڙن ڪاغن تائين محدود رهندو يا اهڙي انصاف جي چڪر ۾

ثمينہ جي وارثن کي ڪورٽن جا چڪر ڪٽائي زليل ڪيو ويندو، ڇو تہ اسان جي قانون ۾ غريبن لاءِ انصاف مهانگو آهي.

جنهن جي قيمت جي ادائگي انهن جي وس کان ٻاهر آهي، اسانجي ڪورٽن ۾ خون جي ڪيس جا قيدي جيلن ۾ تہ مري ويندا آهن پر ڪورٽ جي طرفان هتمي فيصلو ناهي نڪري سگهندو، تڏهن تہ ڪنهن صحيح چيو آهي تہ ”هي پاپ ننگر هي پاپ ننگر هن پاپ ننگر جي ڳالهہ نہ ڪر تو چرٻٽ ننگري ناهي ٻڌو جتي ڏاڍو ٽيندو ڳابو. هن راڄ جو راجا راڄڌٽي سو چرٻٽ جو بي بابو آ“. ثمينہ سنڌو جو قتل نہ صرف هڪ فنڪارا جو قتل آهي پر اهو قتل آهي ڳائيندڙ سنڌ جو، لطيف جي گيتن جو، روح کي راحت رسائيندڙ سر ۽ سنگيت جو ۽ انهن فنڪارن جو جيڪي پنهجا درد لڪائي هن جاهل سماج ۾ پنهجي سر سنگيت سان خوشيون وکيرين ٿا.

مقتولن جو روح بہ اهڙي انصاف کان تنگ ايندو آهي، پر اهڙي دجالي دور ۾ بہ غريب عوام چرٻٽ راجا جي راڄ ۾ ڀروسو رکي ٿي هڪ ڪوڙي اميد رکي ٿي، ۽ انصاف جو منتظر رهي ٿي جنهجي انت اڇٽي ئي ناهي، اصل سوال تہ اهو آهي تہ ڇا هڪ محفل ۾ شراب پئيڻ ۽ پسٽل رکڻ غير قانوني نہ آهي، يا انهن لاءِ ڪو قانون ئي نہ آهي، يا هو قانون کي خريد ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا، هن ظالم زماني ۾ جي عوام لاءِ ڪو سهارو آهي تہ اهو ميڊيا، سوشل ميڊيا، اديبن ۽ دانشورن جو آهي جيڪي هر موڙ تي انهن لاءِ واجهائن ٿا، ۽ جيڪي پنهجي قلم جي طاقت سان سانگين جو سور لکن ٿا. مان سرڪار کان گذارش نہ ڪندس ڇو تہ سرڪار کي گذارش ڪرڻ ٻوڙي جي ڪن ۾ ڳالهہ ڪرڻ برابر آهي، اسانجي گذارش سرڪار آڏو هڪ چرچو آهي ڊسٽبين ۾ اڇليل خالي ڪاغذ جيان آهي، مان بحثيت هڪ عام فرد جي گذارش ڪندس وري بہ ميڊيا، اديب ۽دانشورن کان تہ اهي ثمينہ جو سور لکن، ڪنهن مظلوم جو تڙپڻ لکن، ثمينہ جي وارثن جو انصاف لاءِ اپيل لکن، لاڙڪاڻي جي فضا ۾ اوچتو خاموش ٿيندڙ ثميبہ سنڌو جو آخري گيت لکن، ۽ ان درنڊي جي حيوانيت لکن. ثمينہ سان انصاف لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪن، ۽ ان حيوان درندي کي عبرتناڪ سزا ڏيارين جئين ڪو درنڊو سنڌ جي نياڻن تي هٿ کڻڻ کان اڳ ۾ هزار بار سوچي.


www.sindhsalamat.com

# قومي ٻوليءِ سنڌي ٻولي

سنڌي ٻولي هڪ قديم زبان آهي موجوده يورپ جي ٻولين کان بہ آڳاٽي آهي. اهي اجا وجود ۾ ئي نہ آيون هيون اردو جو تہ اجا امڪان ئي معلوم ڪو نہ هو. تہ زبان هڪ پاڪيزه نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي هر هنڌ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي ايتري قدر جو خدا پاڪ جي حمد ثناء بہ سنڌي ٻوليءِ ۾ ڳائي ويندي هئي ان ۾ ايترو سوز ۽ ساز هوندو هو جو ٻڌندڙ حيران ٿي ويندا هئا.

سنڌ جي قديم هجڻ جي گواهي تہ موئن جي دڙي جي مٽيءِ بہ ڏئي ٿي پر جي تاريخ جي دريءِ مان جهاتي پائجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ تحفہ الڪرام جي مولف جو بيان آهي تہ سنڌ تي اهو نالو حام بن نوح عليہ السلام جي پٽ ”هنڌ“ جي ڀاء ”سنڌ“ جي نالي پنيان پيل آهي ۽ هندن جون لکتون ”سنڌ“ جي نالي بابت ڪجهہ مختلف سمجهاڻي ڏين ٿيون انهن مان جيڪي ٿوري گهڻي ڄاڻ ملي آهي تہ پراڻي زماني ۾ هن کي سنڌو ديش يعني سمونڊ وارو ملڪ ڪري سڏيندا هئا.

بنا ڪنهن شڪ ۽ شهبي جي سندن اشارو ”سنڌو درياه“ ڏانهن هو سنڌ جو اهو نالو هندن جي مقدس ڪتابن ۾ بہ موجود آهي ۽ اهڙين دليلن سان واضع ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي پر افسوس جو اڄ جي هن جمهوريت ۾ سنڌي ٻوليءِ کي قومي ٻوليءِ جو درجو نہ ملي سگهيو آهي ان جي لاء بہ ذريون ذميوار چئجي سگهجن ٿيون هڪ اهي جيڪي اسان جي اڳوڻي سان چونديل ڪامورا آهن جيڪي اقتدارن ۾ وينل آهن ۽ ٻيا اسين سنڌي ماڻهون جيڪي فيشن جي اوٽ ۾ ٻين ٻولين کي ترجيح ڏيون ٿا تڏهن تہ سنڌ جي نامياري شاعر منڌي ابراهيم چيو آهي

نٿو جو سنڌ لاء ڪري، نٿو جو جيجل لاء ڪري، سو سنڌ کي ڇڏي وڃي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.

ڪراچي جيڪو سنڌ جي راڄڌاني آهي ۽ روشنين جو شهر پڻ آهي اتي اسان جي سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي گهڻي آهي پر افسوس جو سنڌي ٻولي ڳالهائي نٿي وڃي ۽ تقريبن ڪراچي ۾ 90 سيڪڙو بورڊ ۽ اسٽال وغيره انگريزي ۽ اوردو ٻولين ۾ لکيل ملن ٿي ايتري قدر جو هاڻي سنڌي ڳالهائڻ تي آڱريون کڄن ٿيون ۽ سنڌي ڳالهائڻ تي اعتراض

واريا ٿا وڃن جيڪو اسان سنڌين لاءِ للڪار آهي جيڪڏهن اڄ سوشل ميڊيا جو دور نہ هجي ها تہ شايد اهو مسئلو اتي ئي دٻجي وڃي ها. جيڪو قديم ٻولي کي هنيل هڪ چرچو آهي.

اسان سنڌين هميشہ ڏک ڪاٽيا، سنگهرون پاتيون، ڪال ڪوٺڙيون ڏٺيون. پر همٿ ناهي هاري ۽ انهي ئي سنڌ مان هوشو، هيمو، سورهيہ بادشاه ۽ دودو دومرو جهڙا جوان ٿي اڀريا ۽ جنگهون وڙهيون ۽ دشمنن کي شڪست ڏني ۽ مرسون مرسون، سنڌ نہ ڏيسون، جا نعارا نروار ڪيا.

هي اڄا اها ئي سنڌ آهي سچل ۽ سامي جي سنڌ، لعل قلندر ۽ ڀٽائي جي سنڌ ۽ اڄ جي هن دجالي دور ۾ جنهن کي جمهوريت چيو وڃي ٿو ان ۾ بہ دودي جهڙا جوان پيدا ٿيٺا آهن اسان ۽ توهان جي روپ ۾ جيڪي پنهجي پياري اباڻي منڙي ٻوليءَ تي ڪو اهنج بہ نہ اچڻ ڏيندا.

# آفريدي چوي ٿو تہ سنڌ ۾ قابليت ناهي

لالا پناڻ چوي ٿو تہ سنڌ ۾ ڪرڪيٽ ناهي، سنڌ ۾ قابليت ناهي شايد لالا پناڻ کي اها ڪل ناهي تہ سنڌ دليرن جي ڌرتي آهي جتان دنيا ۾ پاڻ مڃرائيندڙ شخصيتون پيدا ٿيون. آفريدي صاحب جيڪڏهن توهان کي سنڌ جا قابل شخص ڳڻايا وڃن تہ اوهين پورا نہ پئجي سگهندو. جنگهن جي ميدانن ۾ تہ اسان جا سنڌي دودو، هوشو، هيموءَ سورهيہ بادشاه جهڙا عظيم ليڊر هميشہ سوڀ حاصل ڪندا رهيا پر جي ڳالهہ ڪجي راندين جي تہ صدر ايوب جي دور ۾ سنڌ جو انٽرنيشنل ملھ پهلوان "شير" جنهن کي شيرسنڌ بہ چيو ويندو هو جنهن دنيا جي ڪيترن ئي ريسلرن کي شڪشت ڏني ۽ ان جي باري ۾ ان وقت جي صدر ايوب خان چيو هو "جهڙا شير ٻڌا، تهڙا شير ڏٺا" ۽ شايد توهان موئن جي ڏڙي کان اڻواقف آهيو جنهن جو ايجادون قديم مثال آهن ان وقت ان شهر جي نالين وارو سسٽم، تجارت جو سسٽم، ڦيٿي جي ايجاد ۽ ڪلچر وغيره سنڌين جي قابليت جو ثبوت ڏين ٿا ۽ جڏهن دنيا جا ڪئي ملڪ وجود ۾ ئي نہ هئا تڏهن سنڌ هئي، توهان کي ياد رهي تہ پاڪستان ۾ ائٽم بم آڻڻ وارو ذوالفقارعلي ڀٽو سنڌي هو.

آفريدي سنڌين ۾ قابليت ٻين صوبن جي ماڻهن کان بہ وڌيڪ آهي ۽ هر هنڌ هميشہ سنڌين پاڻ مڃرايو آهي باقي دراصل ڳالهہ اها آهي تہ سنڌين سان هميشہ جيان تعصب وارو عمل اختيار ڪيو پيو وڃي ڪڏهن ڪو پناڻ چوي ٿو تہ ڪراچي ۽ سنڌ، ڪڏهن ڪو ڊاڪٽر سنڌي ڳالهائڻ تي نوٽيفيڪيشن جاري ڪري ٿو. سنڌ جي ماڻهن کي موقعن کان محروم رکيو پيو وڃي. ائين ئي پاڪستان جي پي ايس ايل ۾ پنجاب جون ٽي ٽيمون. ڪي پي ڪي جون بہ ٽيمون ۽ سنڌ جو صرف هڪ ٽيم جيڪو پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏو صوبو آهي ۽ افسوس جو بلوچستان جو ٽيم ئي ڪو نہ هو. جيڪا سنڌ جي ٽيم هئي ڪراچي ڪنگز جي نالي سان ان ۾ صرف هڪ ئي سنڌي هئو جيڪو پنوعاقل جو هڪ سنڌي ڪرڪيٽر مشتاق احمد ڪلهوڙو جنهن جو تعلق غريب گهراڻي سان آهي.

جنهن ننڍپڻ کان ئي ڪرڪيٽ سان چاه رکيو ۽ قومي ڪرڪيٽ ٽيم جو حصو بڻجڻ لاءِ خواب ڏسندو رهيو جنهن لاءِ هو مسلسل محنت ڪندو رهيو ۽ وقت گزرندو رهيو آخر

پي ايس ايل ليگ شروع ٿي ۽ هن نوجوان جي لاء هڪ روشن اميد تڏهن پيدا ٿيو پر افسوس سد افسوس تہ پهريان وانگر هن ليگ ۾ بہ سنڌين سان اهڙو رويو اختيار آخر ڇو ڪيو ويو هن پي ايس ايل ۾ بہ سنڌ جو هڪ غريب سنڌي رانديگر پنهنجي قابليت ۽ محنت سان منتخب ٿي ليگ جي مشهور ٽيم ڪراچي ڪنگز جو حصو بڻجي تہ ويو پر ان سان ايڏي وڏي زيادتي جو ان کي هڪ مئچ ۾ کيڏڻ جو بہ موقعو فراهم نہ ڪيو ويو آخي ڇو..؟

اهو سوال سنڌ جي هر باشعور فردن جي ذهن ۾ گردش ڪري ٿو ڇا سنڌ پاڪستان جو حصو نہ آهي؟ ڇا ڪنهن سنڌي کي اهو حق ناهي تہ هو پنهجي قابليت جي ذريعي هو سنڌ ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪري ؟ صرف پناڻ ۽ پنجابي قومي ٽيم ۾ ڇو آهن ۽ پاڪستان ليگ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي رانديگرن جو نہ هجڻ ان ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو تہ پاڪستان ليگ پنجاب ليگ آهي. مٿان وري لالا پناڻ جي بيان سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪاوڙ جي لهر پيدا ڪئي آهي ۽ لالا پناڻ کي گهرجي تہ سنڌين کان معزرت وٺي نت هيرو مان زيرو ٿي ويندو.

# ڌارين کي قومي شناخت ڏيڻ سنڌ لاءِ تباهي جو ڪارڻ

سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري جو سلسلو پاڪستان ٺهڻ کان بہ اڳ جو آهي. ڌارين جو سنڌ جي سرزمين خريد ڪرڻ ۽ ان تي پنهجي مالڪي جي دعواه سکر بئراج ٺهڻ سان شروع ٿئي ٿي. سکر بئراج جي ٺهڻ ڪانپوءِ پنجاب جو زميندار طبقو انگريزسرڪار جي مدد سان سکر بئراج ۽ ان سان وابستہ زميندار کي پنهجي آباديءِ لائق بنائڻ لاءِ زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون ۽ پنهجي آباديءِ جو وڏو حصو سنڌ ۾ منتقل ڪري آيا. سنڌ جي شهرن ۽ ڪاروباري مرڪزن تي ڌارين قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سنڌي ماڻهو مهمانوازيءِ جي شوق ۾ پنهجي سرزمين ڌارين جي هٿ ۾ ڏئي بہ خوش ٿيندا رهيا آهن.

ڌاريا هزارين نہ پر لکن جي تعداد ۾ سنڌ اندر موجود آهن. پر انهن کان ڪو بہ پڇڻ وارو نہ آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي پنهجي سرزمين تي اقليت ۾ هليا ويا آهن. وفاق پرست پارٽين وٽ ڌاريي جي حوالي سان موقف آهي تہ ڌاريو صرف اهو آهي جيڪو پاڪستان جي سرحدن کان ٻاهران آيل آهي. جنهن ۾ افغانستان، برما، بنگال، ايران، هندستان ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن کان سمورا آيل قانوني توڙي غير قانوني ماڻهون ڌاريا آهن انهن جو سرڪاري طرح تعداد ڪڏهن 20 لک تہ ڪڏهن 30 لک ٻڌايو وڃي ٿو جيڪو اڌ ڪوڙ آهي، جيڪڏهن پاڪستان جي حدن کان ٻاهر آيل ماڻهن کي بہ جيڪڏهن شمار ڪيو وڃي تہ بہ اها آبادي ڪروڙ جي لڳ ڀڳ وڃي بيهندي.

انهن کي شناختي ڪارڊ ڏنو وڃي ٿو تہ ان سان سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا. هونئن بہ سنڌ ۾ بيروزگاري انتها کان وڌي وئي آهي. ويتر ڌارين کي شناختي ڪارڊ ملڻ سان اهو سڌو سنڌ جي ڪوٽا تي برتي ٿي رهيا آهن.

# نياڻين جي تعليم تي سماجي اثر

جتي هي دنيا تيزي سان ترقي ڏانهن وڌي رهي آهي اتي اسان جي هن مقدس نگري جا ماڻهون ان ڳالھ جي لاءِ سندي دماغن کي زور رهيا آهن تہ سندي نياڻي کي پڙهائجي يا نہ, چا نياڻي پڙهائڻ صحيح آهي يا غلط,؟ اهڙي ريت اسانجي هن معاشري ۾ اڪثر ماڻهون سندي نياڻن کي تعليم ڏيارڻ کان اڳ سئو دفعا سوچيندا آهن تہ هي سماج چا چوندو,؟ اوڙي پاڙي واري چا چوندا ,؟ واھ ڙي فلاڻا صفا بيغيرت تي ويو آهين جو نياڻي تو پڙهائين، اها ئي نياڻي سياڻي توکي پٽڪا بڏرائيندي هن جاهل سماج جا عجيب وسوسا هوندا آهن جيڪي ڪنهن نياڻي جي تعليم جي تباهي جو مها ڪارڻ بڻبا آهن.
ان ڳالھ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ والدين اولاد لاءِ ٿڌي ڇانو جيان هوندا آهن جيڪي اسانجي زندگي جي فلم جو هدايتڪار هوندا آهن ۽ هميشہ اسانجي ڪردار جي صحيح هجڻ جو تاڪيد ڪندا آهن.
هي هميشہ اسان لاءِ فڪرمند رهندا آهن جنهن مان هي سماج پورو لاڀ وٺي ٿي اسان جي والدين کي اها سڌ ناهي تہ هو ان سماج جي چوڻ تي سندي نياڻن جون زندگيون برباد ڪن ٿا جيڪي ٽڪي ملھ لهٽا مس آهن, هن جاهل سماج جي قيمت ٽڪي برابر آهي هي اها سماج آهي جيڪا نياڻي جي پڙهائي کي بيغرتي سمجهي ٿي ۽ سندي زائفائن لاءِ وري ليڊي ڊاڪٽر ڳولهي ٿي. جي نياڻون پڙهنديون نہ تہ هن سماج ۾ عورتن لاءِ ليڊي ڊاڪٽرياڻيون ڪٿان پيدا ٿينديون جيڪي هن جاهل سماج جو عزت بچائي سگهن عورت جي ڪارڪردگي کي گهٽ سمجهندڙ هن سماج کي شايد عورتن جي محنت ڪشي جو پتو ئي ڪونهي, اڄ جي دنيا تہ ڪٿي ٽيڪنالاجي سان جڪڙيل آهي پر جي تاريخ جي دري مان جاتي پائجي تہ تارا بائي, مها راني ودلا, جانسي جي راڻي, ڀاڳهل جهڙيون ڪئي ڪردارون ملن ٿيون جن پنهجي قربانين سان پنهجي سپيتا جو ڳاٽ اوچو ڪيو ۽ تاريخ کي سنهرن اکرن سان لکيو.
پر هن دور ۾ تہ عورتون اجا اڳڀريون آهن خاص طور تي يورپي ملڪن ۾ عورتن کي خصوصي آزادي حاصل آهي جنهن سبب هو ترقي جي راھ ۾ تيزي سان وڌي رهيون آهي اهڙي ريت انهن مان ڪيئي عورتون تہ مختلف ملڪن جون واڳون بہ سنڀالي

چڪيون آهن ۽ ڪيئي عورتون وزيراعظم ۽ صدر جي عهدن تي فائض پڻ آهن اڄ جي دنيا ۾ جتي بہ عورت کي آزادي حاصل آهي اتي عورت ڪو نہ ڪو ڪارنامو سرانجام ضرور ڏنو آهي ۽ هي بلڪل حقيقت آهي تہ عورت مائونٽ ايوريسٽ جي چوٽي تي وڃي پهتي آهي, ايتري قدر جو چنڊ تائين بہ وڃي پهتي آهي۽ ان سڀني ترقي جو مها ڪارڻ تعليم آهي, چوندا آهن تہ تعليم هڪ زيور آهي پوء اهو ڪيترو نہ عجيب رهندو تہ اهو زيور صرف مرد ئي پائي ۽ عورت کي پائڻ نہ ڏنو وڃي هالانڪ مرد لاء زيور حرام آهي.

تاريخ ۾ عورتن سلطنتن جون واڳون سنڀاليون آهن جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ ان وقت عورتن کي برابري جو درجو مليل هئو پر افسوس جو سنڌ جي ٻهراڙي وارين علائقن ۾ نياڻن جي تعليم زبون حالت ۾ آهي, اڪثر ٻهراڙي اندر نياڻين جي تعليم تي پابندي لڳل آهي جيڪڏهن ڪٿي تعليمي رجهان آهي تہ بہ اهو صرف ميٽرڪ تائين يا وڌ ۾ وڌ ڪاليج سائيڊ بي اي ,تائين ان ڪانپوء ڇوڪرين جي شادي والدين لاء ڪلهن جو بار بڻجي ويندو آهي پوء هو اوڙي پاڙي ۾رشتا ڳولهڻ شروع تي ويندا آهن آخر ۾ وڃي ائين ئي ٿيندو آهي جئين والدين چاهيندا آهن, شادي ڪانپوء هڪ عورت جي زندگي رد پچاء جي ڪمن تائين محدود ٿي ويندي آهي.

نياڻن جي تعليم جي تباهي جو مها ڪارڻ هي جاهل سماج آهي جنهن جي لاء چيو ويندو تہ هي ڇا سوچيندو؟ پر سچ ۾ ڇا سوچيندو، جيڪو سوچڻ جي قابل ئي ناهي هي سماج ڇا ٿو سوچي سگهي جيڪو پاڻ ئي اڌ سڙيل آهي, وڪاميل آهي پيسن جو پوڄاري آهي, هي اهو جاهل سماج آهي جيڪو سچ چوڻ واري کي چوي ٿو تہ اهو وات ڳاڙهو ڇورو آهي جنهن آزاد سوچ ۽ شعور جو نالو وڃي وات ڳاڙهو رکيو اهو سماج ڇا سوچيندو جنهن مظلومن جي لاشن کي ڏسي پنهجا ڪوڙا ڳوڙها اگهي ٿهڪ ڏيڻ شروع ڪيا هي اها جاهل سماج آهي.

جنهن کي ڪنهن معصوم جي زنا تي حيرت نہ ٿي هي اها سماج آهي جتي اڄ بہ ڏاج ڏاوڻ جي اوٽ تي نياڻيون وڪامجن ٿيون هي اها سماج آهي جتي عيوضن جي اوٽ تي ٻڪرين جي واپار جيان نياڻن جي سوديبازي ڪئي پئي وڃي اڄ بہ هن سماج ۾ ڪئي نياڻيون پاٽي جي واري عيوض ڪاري تي ڪسجن ٿيون پوء اسين ڇو فڪر ڪيون تہ هي سماج ڇا سوچيندو جڏهن تہ هي جاهل سماج سوچڻ جي لائق ئي نہ آهي, تہ


www.sindhsalamat.com

پوءِ هن سماج جي چوڻ تي هڪ نياڻي جي ڪاليج وڃڻ تي قلم چو تا لاڳو ٿين چو ٿيون پابنديون لڳن ڇو والدين سندي جگر جي ٽڪرڻ تي شڪ جا زنجير ٺا وجهن ۽ انهن نياڻين کي قيدياڻي ٺا بڻائي ڇڏين آخر چو ڇا ڪنهن نياڻي کي پڙهائڻ سان غيرت جو خاتمو ٿئي ٿو.

غيرت صرف اها ناهي تہ تنهجيون نياڻيون تنهجي گهر جي چوديواري ۾ محفوظ رهن بلڪي اصلي غيرت تہ تڏهن آهي جڏهن تنهجي اکين کان ٻين جو نياڻيون محفوظ رهن ۽ جڏهن بہ هن سماج ۾ اصلي غيرت جو سج اُڀريو تڏهن کان عورتون برقو پائڻ ڇڏي ڏينديون تڏهن هن سماج جي فردن جا وحشي چهرا پڌ تي ڪري پورجي ويندا ۽ اهڙي انقلاب جو برپا ٿيڻ تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن نياڻن کي تعليم جي زيور سان نوازيو ويندو ڇو تہ سواءِ آدم کان دنيا جو هر مرد عورت جي ڪوک مان جنميو آهي ۽ ٻار جي فطرت تقريبن ماءُ سان وابسطہ ٿئي ٿي ۽ ان لاءِ ضروري آهي تہ ماءُ پڙهيل لکيل هجي جيئن سندي ٻار جي تربيت هن جاهل سماج کان ڪجھ مختلف انداز ۾ ڪري جيئن اهو ٻار وڏو ٿي سندي نياڻي جي تعليم تي پابندي نہ هڻي.

اهي والدين جيڪي اڄ بہ ان سوچ ۾ سڙهي رهيا آهن تہ نياڻي پڙهايون يا نہ مان بحيثيت هڪ عام معمولي فرد جي هن ديس لاءِ فڪر رکندي سنڌ جي انهن والدين کان گذارش مند آهيان تہ سنڌ جي سمبيارائن کي تعليم جي زيور کان محروم نہ رکو هي اها قوم آهي جنهن جون نياڻيون ٻين قومن جي متبادل مضبوط ۽ بهادر آهن هر مشڪل سان ٽڪرائڻ ڄاڻين ٿيون ۽ هن جاهل سماج جي چوڻ تي سندي نياڻين کي شڪ جي جي زنجيرن سان نہ جڪڙيو توهان جي نياڻي توهان جي تربيت جو ڏيکھ آهي توهان جو سندي نياڻي مٿان شڪ ڪرڻ تربيت تي شڪ ڪرڻ برابر آهي, برياني جي پليٽ تي پاڻ وڪامڻ وارو هي سماج ڪير ٿو ٿئي جو اوهان جي نياڻي مٿان الزامن جا امبار اڇلائي ان لاءِ هن قوم جي نياڻين کي سندي حق مطابق اعلي تعليم ڏياريو جيئن اهي نوا سوچ ۽ شعور پيدا ڪري سگهين.



www.sindhsalamat.com

# اڃا جوان رهڻ ٿا جوءِ ۾

جتي جهالت جو اونڌاهه برپا ٿئي ٿو اتي اسان جا ڪامورا ان اونڌاهي جي آڙ ۾ غريب مظلوم عوام جو مال حق وسيلا هڙپي ڇڏين ٿا ۽ انهن مالن وسيلن کي سندي تجارت جو ذريعو بڻائي سندن ئي اثاثن ۾ ترقي جون مثالون قائم ڪن ٿا ۽ هي مظلوم عوام سب ڪجھ اڃا هجڻ جي اندهي اعتبار ۾ رهي خوش رهن ٿا ڇو تہ ڪامورا سندي پڪيڙيل اونداهہ کي ختم ڪرڻ ئي نٿا گهرن متان روشني جي ڪرڙن سان سندن هڙپيل مال ۽ اڻ ڍنگاهہ ڪرتوت پڌرا نہ ٿي پون پر ڪڏهن بہ لڳاتار اونڌاهي جو برپا ٿيڻ نسچيت ناهي ڪڏهن پيار جا پربات بہ ڦٽندا آهن ڪڏهن سچ جا سورج بہ اپرندا آهن جيڪي اونداهہ جي ڪوٺن کي ڪيريندا آهن ائين ئي اڄ جي هن دجالي دور ۾ تعليم هڪ سچائي جي سورج جو ڪردار ادا ڪري ٿي جنهن جا لاٽ شعوريت کي جنم ڏين ٿا ۽ شعوريت ڪامورن جي ڪرتوتن جو پردو پاش ڪري ٿي.

گهري ننڊ ستل سڀاجهڙن کي سڌائتو ڪري ٿي تہ اوهين لٽجي چڪا آهيو اوهان جا سڀ حق وسيلا هڙپيا ويا آهن انڪري گهري ننڊ مان اٿي سندي حقن جي واهر ڪريو.

ائين اسان جي سنڌ ۾ اليڪشن جي قريب اچڻ سان سياسي سرگرمين سان گڏو گڏ عوامي سرگرميون بہ عروج تي آهن اڃا سچائي جو سورج تہ ناهي اڀريو پر نوجوانن جي جذباتن کي مدنظر رکي اهو چئي سگهجي ٿو تہ پربات ضرور ڦٽي آهي جيڪو سچائي جي سورج جي اچڻ جو انديشو ظاهر ڪري رهي آهي جنهن جو پڪو ۽ پختو ثبوت پنجويهہ جولاء اليڪشن واري ڏڻ کان پوء معلوم ٿيندو.

پربات جو ڦٽڻ نوجوانن جي شعوريت آهي جيڪي ڪامورن جون گاڏيون حوالو ونن ٿا, پنج سال گمشدگي جو سبب پڇن ٿا اليڪشن جي مد اچڻ سان ئي پڇا ڳاڇا وارو سسٽم عروج تي سنڌ جا شعوري نوجوان ڪامورين جو اڳ جهلي سندن پنج سال گمشدگي جو سبب پڇن ٿا جنهن مان پڪو ۽ پختو ثبوت ملي ٿو تہ سنڌ جي نوجوانن ۾ جذبو ۽ شعوريت اڃا باقي آهي هي عوام ابوجهہ آهي ووٽ جو پرک نٿي رکي هو ائين ئي ذاتي پاتي ۽ فرقہ واريت جي آڙ ۾ ايري گهيري اميدوار کي بہ بنا سوچ ويچار جي سونپي ٿا


www.sindhsalamat.com

چڏين پوءِ ان جي نسبت هن عوام کي جيڪو صلو مليو تو ان منجهہ بہ بخوبي واقف آهن. شعوري نوجوان واري واري سان هر هنڌ اوطاقن تي ووٽ لاءِ آيل, راهہ ويندي ڪامورن کان بيجڪ سوال ڪن ٿا.

انهن ووٽ سوال پڇڻ وقت سوشل ميڊيا جو سهارو هوندو آهي جن کي هو هڪ طاقتور هٿيار جيان استعمال ڪن ٿا ان هٿيار آڏو ست راڄي سردار هجي يا ڪرامتن وارو پير فقير يا اول درجي جو تجارتڪار سمورين جا عضوا ٿهڪڻ لڳن ٿا, نوجوان فيسبوڪ تي لائيو اچي ڪامورن کان سوال پڇن ٿا ۽ ڪامورا سڌو مناسب جواب ڏيڻ بجاءِ گونگي ٻوليءَ ۾ وفلي فرار ٿيو وڃن ٿا.

سوشل ميڊيا جي ڪمال کان پوءِ ميڊيا چينل تي لائيو نشر ڪري پڻ ڪمال ڏيکاري ٿي, اهڙي ريت اڄا بہ اهو الميو جاري آهي نوجوان ڪيترن ئي ڪامورن کان پڇاڻو ڪري چڪا آهن, جنهن ۾ جمال خان لغاري, سردارعلي شاهہ, جام مهتاب ڏهر, ملڪ اسد سڪندر, مراد علي شاهہ, شازيہ عطا مري, مهرين ڀٽو, شوڪت راڄپر, ۽ ٻيا ڪيترائي ڪامورا شامل آهن.

پر اهو الميو اڄا جاري آهي ڪامورن کان ڪٿي نہ ڪٿي پڇا ضرور ٿئي ٿي, پڇا ڪرڻ وارا شعوري نوجوان ڪامورن جي سندي پارٽي مان بہ ٿي سگهن ٿا تہ مخالفن منجهان بہ ٿي سگهن ٿا پر شعوريت جو اسرار ان ڳالهہ تي ناهي چو تہ اهي اميدوار جن جي دهمان سان ماڻهو هيسائيجي ويندا هئا اڄ شعوريت ايتري تہ پاڻ پڪيڙي وئي آهي جو اڄ جا نوجوان بيباڪ ٿي سياسي اڳواڻن جو اڳ جهلي ڪائن اعمالن جو احوال وٺن ٿا جنهن مان خوب اندازو ٿئي ٿو تہ صديون گهري ننڊ ۾ ستل ماڻهن مٿان شعور جو ڪرڻو ڪريو آهي جنهن سان انهن جي پرپيل وسيلن جو هڙپ پڌرو ٿيو آهي هي تہ اڄا هڪ پربات جو انديشو آهي جي نوجوانن جي بيباڪيت رهي تہ سچ جي سورج جو ايرڻ بہ ڏور نہ آهي, ۽ سچ جي سورج کي ايارڻ لاءِ بيباڪيت, آزاد سوچ ,اجتمائي سوچ, فڪر سنڌ, فڪر تعليم جو هجڻ واجب آهي چو تہ عوام سندي مٿان قابض, هڙپائو, لٽيرن ڪامورن کي ووٽ سان شڪست ڏئي سگهي ٿي.

ووٽ جو غلط استعمال تہ بيوقوفي آهي ئي پر ووٽ جو استعال نہ ڪرڻ بہ بيوقوفي آهي, اوهي ووٽ هر هڪ فرد جو ذهني رايو آهي تہ هو اهل يا نااهل اميدوارکي پنهجي مٿان حڪومت جو حق ڏين ٿا اهو مدار آهي فرد جي سوچ جي ڪيفيت تي تہ ان فرد

جوسوچڻ خود پرستي سان وابسطہ آهي يا لوڪ پرستي سان، جيسيتائين عوام جي ذهنن منجهان خودپرستي واري سوچ ڪي نہ هڪليو ويندو تيسيتائين ڪجهہ بہ سڌرڻو ناهي، برحال عوام چاهي تہ پنهنجي پاڻ سان پلو ڪري سگهي ٿي چو تہ عوام وٽ هڪ طاقتور هٿيار موجود آهي جنهن سان هو چڱي ڀلي ست راڄي سردار کي عرش تان اڇلائي سگهي ٿي پر تڏهن ممڪن آهي.
جڏهن عوامي فيصلو ڪنهن سچي فرد جي حق ۾ هجي ووٽ کي رشتن ناتن، قوميت، مذهبيت، پيري مريدي جي ڌوڙ سان ويڙهي نہ ڏئي ڪنهن کي بہ ڏيڻ کان اڳ ادا ضمير کان ضرور پڇي، هڪ ڀيرو بنجر بڻيل سنڌو جي سيني ڏانهن ضرور ڏسي، مهراڻ جي گهٽ ٿيندڙ موجن ڏانهن ضرور ڏسي، هوٽل تي ڀنڊڙڪراڙين ۾ ننڍڙين معصوم چهرن ڏانهن ضرور هڪ نظر نهاري شايد اڪين منجهہ لڙڪ لڙي پونس من ڌرتي جي دردن جو درمان ٿي پوي. برحال مان هڪ عام فرد جي حثيت سان گذارش مند آهيان تہ ڪجهہ سندي ايندڙ نسلن تي رحم ڪيو وجي، فڪر سنڌ رکيو وجي. براء مهرباني سنڌ جي سچي سپوتن کي ووٽ ڏيو جئين ڌرتي جي دردن جو درمان ٿي سگهي.

# محترم جناب چيف جسٽس صاحب

ٻڌو آهي اوهين سندي نگراني ۾ ديم پيا ناهيو ٻڌو آهي تہ اوهين هر دفعي جيان وري سنڌو جي سيني کي چيريو پيا.

چيف جسٽس صاحب!

ڪڏهن اچو نہ سنڌ، ڏورو سنڌو جي سڪل ڪنارن کي ڏسي وڃو.

خبر اٿئو! چيف صاحب، مان ڪالهہ جڏهن المنظر وارو پل ڪراس ڪيس پئي تڏهن دريا جي سيني منجهان اُڏيل مٽي منهجي منهن ۾ لڳي رهي هئي.

توهان ڀلي ان مٽي کي دوڙ يا دس سمجهو پر حققت ۾ اها مٽي سنڌو جو نياپو آهي سندي سچي سپوتن ڏانهن،" تہ اي منهجان سپوتو مان سڌائين اوهان جي پياس کي پوريو آهي پر هاڻ مان پاڻ پورجندي ٿي وڃان ڪڏهن مان پنهجي سپوتن کي ٽڏڙي هوائن سان پليڪار چوندي هئس پر هاڻي منهجي هوائن منجهہ ڌوڙ سمايل آهي مان ڇا ڪريان پنهجي حال تي روئان يا سندي سپوتن جي حال تي روئان، شايد هاڻي خدا ئي ڪو ڪرپا ڪري مون تي صرف هڪ دودو جنمي هن نگر ۾ جيڪو هن وقت جي خلجين سان جنگ جهوٽري.

چيف جسٽس صاحب!

اوهانکي ڪنهن جو فڪر آهي؟

پاڪستان جي عوام جو،

کهڙو پاڪستان سنڌ وارو يا بنا سنڌ وارو؟

جي سنڌ وارو تہ پوء ٽر جا ماڻهون ڪير آهن؟

انهن وانگهيڙن جو تہ ڪڏهن ڪنهن فڪر ناهي ڪيو، شايد هو گريلا آهن يا ابوجهہ آهن!

چيف جسٽس صاحب!

اسين سنڌي آهيون، مهمان نواز آهيون، سڌا ماڻهون آهيون اسين ٺڙڪ نڳي ۽ ٻئي جو حق ڪائڻ مور نہ ڄاڻون ، اسين رت بہ ڏئي سگهون ٿا تہ پوء پاڻي ڪو وڏو الميو ناهي.

نيڪ آهي اسين ديم ناهڻ جي اجازت اوهان کي ڏيون ٿا پر ان عيوض هڪ سوال جو جواب گهرجي.

سوال اهو آهي تہ انٽرنيشنل ۽ پاڪستاني قانون تحت ڪا بہ رياست تيستائين دريا کي ڪٽ ڏئي نٿو سگهي جيسين پيڇڙي وارا علائقا اجازت نہ ڏين پوءِ بغير اجازت سنڌ جي دوآب مان پنجاب پنجاب ڪئين بڻيو؟
اسان ئي پنهجي ماتا منجهان ايترا ڪئنال ناهن ڪڍيا جيترا پنجاب ڪڍيا آهن پوءِ بہ پنجاب کي پاڻي جي گهرج آهي.
چيف صاحب !
پوءِ ائين چو نٿا ڪريو سنڌجي دشمنن جو هڪ ٽولي وٺي سنڌ تي ڪاهہ ڪيو جئين ڪالهہ ڪنهن قاسم ڪيو هو.
دريا ۾ پاڻي تہ ناهي, ها باقي ائين ٿي سگهي ٿو تہ سڄي سنڌ کي ماري انهن جا لاش دريا منجهہ اڇلايو ٿي سگهي متان دريا پرجي وڃي پوءِ ان ڳاڙهي پاڻي کي ڊيم ٺاهي ان ڊيم ۾ ڇڏيو, پوءِ سڪون سان اسانجو رت پئيندا رهو.
بهتر بہ ائين اٿئو روز روز جو نوان سنڌ دشمن منصوبا جوڙي اسانجو رت پئيو ٿا پوءِ ڇو نہ اسانجي رت سان ڊيم ڀريو.
اسين جئيري تہ سنڌو کي سڪندي نٿا ڏسي سگهون.

# خوابن جا پاڇا جو ليکڪ يوسف جميل لغاري

يوسف جميل لغاري جي شايع ٿيل ڪهاڻين ۽ مختصر تحريرن سان جڙيل نئي ڪتاب خوابن جا پاڇا جو مطعالو ڪندي مون اهو معلوم ڪيو آهي تہ ڪجھ ماڻهو دردن جي دوا هوندا آهن, دردن جي دوا مان مراد آهي ٻئي جو سور سهڻ ٻئي جي درد جي احساس کي قلم سان ائين لکڻ جئين اهو الميو سندس سان ئي پيش آيو هجي, اهڙن ماڻهن کي ڏجي تہ آخر کهڙو ناء ڏجي چو تہ انهن لاء عام لفظ استعمال ناهن ٿيندا, اهڙي ريت نري ميرواھ جو هڪ باشعور, اديب, لکيڪ, ڪالم نگار ۽ ڪهاڻيڪار يوسف جميل لغاري بہ انهن امُلھ ماڻهن منجهان هڪ آهي جيڪي ڌرتي جو سور لکن ٿا يوسف جميل لغاري جن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن هر ٿيندڙ پاپ ۽ پهلو تي ڪالم لکيا آهن ۽ لاتعداد احساساتي تحريرون پڻ لکيون آهن.

ان ڪان علاوه يوسف سائين هميشہ سماج سيوڪ ڪمن ۾ اڳڀرا رهيا آهن, سائين جن سندي قلم جي قوت سان سدائين وانگهيڙن لاء واجهايو آهي ميرواھ لائيبريري تحريڪ هجي يا ڪنهن ميرواهي سان ٿيندڙ نا انصافي جو احتجاج سائين جن هميشہ حاضر رهيا آهن, يوسف جميل هميشہ ميرواھ جي عوام جو آواز بڻيو آيو, سائين جن نہ صرف ميرواھ لاء سندا ڪارنامہ سرانجام ڏنا آهن پر انهن ڌرتي ڏٽين سان ٿيندڙ ويساھ گاتين لاء بہ هميشہ لکيو آهي, هن هميشہ مسڪينن جي حقن ۽ حاصلات لاء جستجو جاري رکيو آهي.

ڪجھ وقت پهريان سائين جن جو پهريون ڪتان "خوابن جا پاڇا" سنڌ سلامت ڪتاب گهر طرفان شايع ڪيو ويو هو, جنهن جو مون باقائدي سان مطالعو ڪيو, سائين جن سندي ڪتاب ۾ بهترين احساس لکيا آهن خاص طور تي "ڦڪي چانھ, مس آڪسيجن, اڌپورا احساس, لفظن جو ماتم, ڊائري جا ورق" نالي تحريرن مون کي ڏاڍو پيائي ويا آهن, سائين جو ڪتاب پڙهندي جسم ڪنڊارجي ٿو سائين جن جي ڪتاب جي لکڻي باقائده من موهيندڙ آهي سائين جن ڪهاڻيون تہ ائين لکيون آهن جڻڪ قدرت طرفان ڪيس ڏات مليل آهي مان جڏهن سندس ڪتاب کي اتلائي ڏنو تہ مونکي يوسف تي فخر محسوس ٿيو تہ ان قدر لفظن جي بيهڪ جو خيال رکيو ويو آهي جڻڪ ڪنهن وڏي

مفڪر, ڏاهي لکيو هجي پر جي حقيقت جي تقاضا کي ڏسجي تہ يوسف ۾ ڪوڙ ساريون اهڙيون خوبيون ملن ٿيون جيڪي ڪنهن وڏي مفڪر يا دانشور ۾ هونديون آهن.

چو تہ يوسف کي هميشہ مون قلم سان پيار ڪندي ڏٺو آهي ۽ جيڪو انسان قلم سان پيار رکي ٿو تہ ان مان صاف ظاهر آهي تہ هڪ ڏينهن قلم ان پيار ڪندڙ پرش کي سونهن اکر سان لکندو هوئين بہ جڏهن ادا يوسف سوشل ميڊيا تي سندا لکيل احساسي تحرير رکندو هو ۽ جڏهن مان انهن احاسات کي پڙهندو هئيس تہ روح ڪانڊارجي پوندو هئو ۽ اتي ئي مان سوچيندو هئس تہ هي بندو مستقبل ۾ هڪ عظيم ڏاهو, دانشور, مفڪر, منصف, ڪالم نگار ۽ ڪهاڻيڪار تي اُڀرندو ۽ ڪيئي اونداهريل ذهنن منجھ روشني جي ڪرڙڻ سان شعورکي ظاهر ڪندو پر هاڻي جڏهن سائين جو آيل پهريون ڪتاب ڏٺم تہ پوري پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ يوسف جميل لغاري هڪ عظيم ليکڪ آهي.

هوئين تہ يوسف سان هميشہ منهجا سنا لاڳاپا رهيا آهن پر يوسف پاڻ ئي محبتي ماڻهون آهي سندس ڪردار روپلي جي سچائي جيان سچو ۽ باگهل جي دامن جيان پاڪ صاف آهي سدائين چپن تي مسڪراهٽ جا ٻهڪا هوندا اٿس ۽ سدائين هٿ ٻڌڻ واري واٽ اپنائيندو آهہ منهجو تہ يوسف ڪٽي هڪ پرين پيارو دوست آهي ۽ ڪروڙين عزتون منهجي دل ۾ آهن سائين جن لاءِ, پر مان گهڻ ئي چپن تان يوسف جا چرچا ٻڌآ آهن، هن جي لکڻين جون نيڪيون ٻڌيون آهن.

برحال يوسف جميل جو شايع ٿيل ڪتاب, خوابن جا پاڇا, ڏاڍو من موهيندڙ آهي مان دل سان مطئمن آهيان ۽ يقينن اوهان کي بہ ضرور پڙهڻ کپي ۽ مان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو يوسف جميل لغاري کي جنهن پنهجي قلمي قوت سان هڪ بهترين ڪتاب لکيو آهي ۽ ڪيس سلام پيش ڪريان ٿو تہ سائين جن پنهجي جستجو سان هميشہ سانگين جو سور لکيو آهي ۽ سائين جن ڪان آشان آهي تہ سندس جدوجهد, جستجو کي جاري رکندا ۽ پنهجي ڪارنامن جي تقدس سان هڪ نئي تاريخ رقم ڪندا ۽ اهڙڪئي ڪتاب لکي شعور جو ڳاٽ بلند ڪندا.

# غلامي هڪ گار آهي

هر باشعور ۽ لکيل پڙهيل ماڻهن ضرور ٻڌو هوندو تہ هن هن ڌرتي تي آزاد پيدا ٿيو آهي ليڪن هن کي هر دور ۾ سنگهرون پارايون ويون. اسين هميشہ کان غلام رهيا آهيون. ڪڏهن انگريزن جا تہ ڪڏهن وري پيرن ۽ ميرن جا جيڪا اجان تائين سرانجام ڏئي رهيا اهيون. جتي دنيا جا ٻيا ملڪ ترقي ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهيا اهن اتي اسان جي هي بي ضمير قوم غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي ۽ انهن بي ضمير ماڻهن جي ڪري ئي سچل ۽ سامي جي سونهاري سنڌ ترقيءَ جي راه ۾ اجا ڪي صديون پوئتي آهي چو جو اها سنڌ اصل کان ئي پيرن ۽ ميرن جي ميراث رهي آهي جئين نواب صاحب کانپوءِ نوابزادو تخت سنڀاري ٿو. هڪ مشهور قول آهي تہ ”جهڙا روح، تهڙا ختمہ“ جهڙا سائين تهڙا سائين جا مريد جيڪي هڪ خانداني ووٽر جو ڪردار ادا ڪن ٿا.

جئين انهن تي قرض ۽ فرض هجي. ڪڏهن نياڻي جو قرض تہ ڪڏهن ميرن ۽ پيرن جو فرض جيڪو اهي هر پنجن سالن ۾ پورو ڪندا اهن ۽ انهن خانداني ووٽرن کي ڪجهہ بہ ناهي ملندو جي ڪجهہ ملندو بہ آهي نہ تہ پير سائين جي اها تعزيت جيڪا اليڪشن جي موسم ۾ پير سائين جي ڪنهن پراڻي مرحوم لاءِ جنهن جا هڏا بہ ڳري ويا هجن. سائين جي تعزيت سان شايد مرحوم بہ چرڪندو هوندو تہ اچانڪ ڪنهن کي ياد آهيو آهيان آءِ بہ انهن بي ضمير ماڻهن منجهان هڪ هيس پوءِ جڏهن مون دنيا جي هستين ڊاڪٽر چي گويرا، نيلسن منڊيلا. ڪال مارڪس ۽ فيڊرل ڪاسترو جي لکيل ڪتابن جو مطالعو ڪيو تہ مون کي احساس ٿيو تہ اسين ڪنهن اڻ ڪٽ ۽ تيز انڌيري رات ۾ ۾ ڀٽڪيل ڪنهن بي منزلي مسافر جيان آهيون ۽ ان انڌيري رات کي روشني ڏيندڙ سج هميشہ لاءِ لهي ويو هجي ۽ ان انڌيري رات کي روشني ۾ چمڪندڙ چنڊ پاڻ ڪارو پئجي ويو هجي ائين ئي اسان جو هي سياسي نظام ان انڌيري رات جيان آهي ۽ اسان جا حڪمران لٽل سج ۽ ڪاري چنڊ جيان اهن ۽ بي ضمير عوام يعني خانداني ووٽر ان انڌيري مان جڻ تہ پان ئي نڪرڻ نٿا چاهن يا انهن کي چيو ويو هجي تہ انڌاه اوهانجي قسمت ۾ آهي.

پر اهڙين انڌيرن ۾ وري تعليم هڪ نئو سج ٿي اڀري ٿو ۽ انقلاب جي سوچ جي خوشبوءِ پرپا ڪري ٿو، ائين ئي منهجي پڙهيل ڪتابن منهجي اندر جي انسان کي جڳايو جنهن کي ضمير چئجي ٿو ۽ اهو ضمير مونکي للڪاري ٿو، هڪ گار ڏي ٿو، غلامي جو گار جيڪو ڪنهن غيرتمند لاءِ موت کان گهٽ ناهي برحال افسوس انهي ڳالهہ جو آهي تہ هڪ ماڻهو جيڪو پنجن سالن کانپوءِ ڪنهن مسافر جيان اچي وڏي شان ۽ شوڪت سان اعلي قسم جو دعوتون کائي هزم ڪري ڏڪارون ڏئي ۽ آرام سان بي ضمير عوام کي بيوقوف بڻايو وڃن اهو بہ وري تاڙين جي گونج ۾ پر جي ڏسجي تہ ان عوام جي ذهنن منجهہ هڪ خوف وڌو ويو آهي ۽ اهو خوف جهالت جو خوف آهي جنهن کي بي ضمير ماڻهو سائين جي ڪرامت سمجهن ٿا ۽ قيامت ڪاري ڪرڻ کان ڊڄن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ پيرن ۽ ميرن کانسواءِ انهن جو هلڻ مشڪل آهي پر اسان کان وڌ تہ اهي انگريز بي پيرا وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ تعليم يافتہ آهن.

برحال بي ضمير عوام کي گهرجي تہ پنهجي سوچ ۾ تبديلي آڻي ۽ پاروتي واري خوف مان نڪري ۽ اينڌڙ اليڪشن ۾ باضمير تي ووٽ ڏئي ۽ انهن غلامي جي زنجيرن منجهان نڪري جنهن ۾ هن جا ڪئي نسل جڪڙيل رهيا. جيڪڏهن هاڻي نہ تہ ڪڏهن بہ نہ پوءِ ائين ئي نسلون لوڙيدئون خدارا پنهجي اينڌڙ نسلن کي با ضمير بڻايو ۽ انهن تي غلامي جو دٻاءُ نہ رکو جئين اهي سندن پٽن مٿان رکيل اوهان جا ئي نالا يعني اوهان کي هڪ آزاد ۽ باضمير بڻائي شخصيت بڻائي سگهن.

# هڪ آرٽسٽ جو قتل

پنجاب جنهن سنڌ کي سدائين لاش طوفي طور ڏنا آهن, سنڌ ڌرتي جا ماڻهون جيڪي مصري ۾ ماکي کان وڌ منا آهن جيڪي مهمان کي بگوان سمجهين ٿا جنهن لاء جان وارن تائين وجن ٿا ان جي موٽ ۾ سدائين سنڌي ماڻهن نفرت, تعسباتي روين کي مونهن ڏنو آهي تڏهن تہ سنڌ جي گهوٽ پٽائي چيو آهي تہ "چڱائي چڱي آ ڪجي نہ ڪنهن سان", ائين ئي ڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جهڙي عظيم ليڊر کي ڪوڙن ڪيسن تي ڦاهي چاڙهي ان جو لاش سنڌ ڏانهن موڪليو ويو تہ ڪڏهن وري شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جهڙي بهادر نياڻي کي اگهور ننڊ سماريو ويو, سنڌ جي ٻنهي مهان ليڊرن جا لاش راولپنڊي منجهان مليا پر اجا اهو سلسلو جاري آهي ائين ئي لاهور جيڪو طاقت جي مڳي ۾ مست آهي, جئين ڪالهہ تائين قنڌار مست هو, جئين ڪالهہ تائين بغداد مست هو پوء سڀ ڄاڻين ٿا تہ انهن جو حشر ڇا ٿيو .

لاهور جتي مهمان نوازي تہ نهيو پر ماڻهپو ئي مشڪل سان ملي ٿو اتي ڪالهہ وري هڪ سنڌ ڄائو قتل ٿيو جنهن مان جان ڇڏائڻ لاء سوشل ميڊيا تي توهين مذهب جو نالو ڏنو پيو وڃي پر اصل حقيقت ٻي آهي ان علائقي جي ايس ايس پي موجب ۾ ايف آء آر ۾ ڄاڻايل موقف موجب ان قتل جو توهين مذهب سان ڪو بہ واسطو ڪونهي, هي هڪ عام مارڌڙ آهي.

جنهن کي مذهب جي آڙ ۾ ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي, قطب الدين رند جنهن جو تعلق سنڌ جي جيڪب آباد سان آهي جيڪو نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور ۾ زير تعليم هو ڪافي هونهار ۽ محنت ڪش پڙ هو, قطب الدين رند لاهور جي پريم نگر ۾ رهائش پذير هو پوليس موجب مڪان مالڪ سان ڪرائي جي معاملي تي هاٿاپائي سيپ ٽن منزلن تان اڇي هيٺ ڪريو جنهن سبب قطب الدين ٽڏي تي ئي دم ڏٽي حوالي ڪيو.

پريم نگر پنهجو وقار وڃائي وينو جيڪب آباد جيڪو جوان هن ڏانهن اماڻي موڪليو هيو تنهن ۾ پريم نگر خيانت ڪئي آخر ڪيستائين پنجاب طرفان طوفعي طور موڪليل لاشن کي ڪلهو ڏئي دفنائيدا رهنداسين آخر ڪو تہ تدارڪ ٿيڻ گهرجي قطب جي خون کي تارڻ گهرجي قطب جي امڙ جي آهن ۽ داهن جو ازالو ملڻ گهرجي سنڌ جي ٻن عظيم اڱواڻ شهيد ڀٽو ۽ شهيد راڻي جو تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو پر قطب الدين جي خون کي تہ واريو وڃي.



www.sindhsalamat.com

# سنڌ جي سونهن ٿر بچايو

توکي تنهجي مستقبل جو فکر مونکي منهجي اڄ جو فکر منجهو اڄ ٿر آهي. ٿر جتي نسلي ڏڀڻ جا ڍانچا ملن ٿا, لطيف جي سنڌ جو ٿر جنهن تي ڀٽائي پنهجا ٻيت لکيا ۽ ان جي پرستارن وري تنيوري جي سازن تي اهي ٻيت ڇيا, اهو ٿر جتي بارشون پوڻ ڪانپوءِ جنت جهڙو نظارو ڏسڻ وٽان ملندو هئو اڄ ان ٿر جو حال جي پڇندين روئي پوندي. اهو ٿر جتي مائن جون چوڙيون ڪٽڪنديون هيون تہ هوا ۾ ساز ٻهڪي پوندا هئا. اڄ ان ٿر ۾ توکي ڪجھ بہ نہ ملندو سواءِ جانورن جي ڍانچي ۽ ڏُڪار وگهي ڪمزور ٿيل ماڻهن جي.

وزيراعظم عمران صاحب.!

تون اڇي ڏس جتي ڪالھ ڪونڏر ڪوھ لتاڙيندا هئا اڄ اهي پٽ تي پانيڙا پيا ٿا ڏين, تون ملڪ جي ترقي جي ڳالھ ڪرين ٿو، ڪرپٽ حڪمرانن طرفان ڪڙڪايل قرضا لاهڻ جي ڳالھ ڪرين ٿو, تون افغانن, برمين ۽ بنگالين کي مفت ۾ شناخت ڏيڻ جي ڳالھ ڪرين ٿو, پر تو ڪڏهن بہ منهجي وانگيهڙن لاءِ ناهي واجهايو, تو ڊيمن لاءِ تہ چندا ڪٺي ڪيا, پر منهجي ٿر جي ڏڪاريل وانگهين لاءِ پائي بہ ناهي ڏنو ڇو تہ توکي پنهجن جي مسقبل جو تہ فکر آهي پر توکي منهجي ابوجھ, مسڪين ماروئڙن جي اڄ جو ذرو بہ اُلڪو ناهي.

تون وڏو فرق ٿو رکين خبر ناهي ڪئين پر فرق ضروي ٿو رکين, ٻنهي قسمن جي انسانن ۾ فرق بہ صرف ايترو ئي تي سگهي ٿو جو تهنجا چنگّي چوکي جا پليل آهن ۽ منهجا ڏڪاريل آهن بک وگهي بدهال آهن. پر پوءِ بہ تنهجن کان منهجن جو حوصلو ۽ همٿ بلند تر آهي ڇو تہ هو پنهجي ديس سان پيار ڪندڙ آهن, هو مري تہ سگهن ٿا پر ٿر جي واري کي نٿا ڇڏي سگهن ڇو تہ اها مٽي انهن لاءِ ماتا سمان آهي,تو هرڙين کي تيز پڇندين ۽ ٿپ ڏيندي تہ ضرور ڏٺو هوندو پر پانيڙا ڏيندي ۽ واريءِ ۾ ڏڙ گهليندي ڪڏهن ڪين ڏٺو هوندو.

اڄ منهجي ٿر جا پانيڙا ڏيندڙ هرڙ ڏسي وڃ شايد توکي اهڙو عجوبو دنيا ۾ ڪٿي ملي ,تو مور نچندين ڏٺا هوندا هاڻ اڇي ٿر ۾ مور ڦٿڪندي بہ ڏسي وڃ، تون اسان کي

پنهجو تہ سمجهين ٿو نہ يا اسين تنهجي حڪمراني جي حدودن کان ٻاهر آهيون خبر اٿئي، ٿر ۾ ڪڏهن ڪنهن خودڪشي نہ ڪئي آهي چو تہ انهن کي پاڻ مارڻ جو موت ڪڏهن موڪيو ئي ناهي ڏنو.

وزيراعظم صاحب .!

ٿر ۾ ڏڪار وڳهي 500 ٻار هيل تائين فوت ٿي چڪا آهن پر ڪنهن کي ڪا سڌ ئي ناهي جٽڪ اهي ٻار لاوارث هئا پاڻي جي خوث تي تہ وڏا ڇهچٽا هليا پئي چندا اُگڙيا پئي پر هتي تہ ڪهنن اجا تائين هڪ پائي جو بہ اعلان ناهي ڪيو.

اسان جا ڪن ترسي رهيا آهن تہ من اسان جي ملڪ جو تبديلي پسند وزيراعظم ڪي چند اقدامات ڪٽي،ءِ من ڪي معصومن جو جانون بچي پون. پر تون تہ ڏيم ناهڻ ٿو چاهين سنڌو کي سڪائڻ ٿو چاهين تو ڪٽي ٿر جي وانگهين جو پلو ڪندين تون تہ ڪائين دريا تي بينل پاڻي جو ڊڪ بہ ڪدڻ ٿو چاهين، ڪيتري نہ افسوس جي ڳالھ آهي تہ تون مستقبل ۾ لڳندڙ اُج جي تہ فڪر ڪرين ٿو پر ٿر جي وانگهين کي لڳل اڄوڪي بک جو فڪر نٿو ڪرين، توکي افغاني ٿر جي ماڻهن کان وڌيڪ ڏڪاريل نظر آيا تڏهن تو هُنن ڏانهن ويهہ هزار مڻ ان جا موڪليا, توکي زرو بہ احساس نہ ٿيو تہ تنهجي ملڪ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڏڪار پيل آهي. شايد اسان جي وچ ۾ ڪو رت جو رشتو ناهي, چو تہ درد جو احساس رت جي رشتن کي ئي ٿيندو آهي„

جي تون پنهجن لاء ڏيم ناهي سگهين ٿو تہ مان ماٺ ڪري ڪئين ٿو ويهي سگهان جڏهن ٿر جي واريء ۾ پيل لاشا ڏسان ٿو تہ اکيون رت جا ڳوڙها روئن ٿيون دل پُري ٿو پوي اندر زهر جي پاڻي سان پرجي ٿو وڃي. پوء تون ٻڌآء تہ ماٺ رهي ڪئين مشرق ٿيان, منهجو ٿر منهجي لاء جنت جيان آهي پر ڪرپا هيڏانهن ڏيان ڌريو ڪٽي منهجي جنت منهجي سانگهين لاء سور نہ ٻڻجي وڃي, تون پنهجن لاء ڏيمون ناهي ۽ مان پنجهن لاء ٽڪر ڳيهو هٽ ڪري ونان.

مان مخاطب آهيان سنڌ جي سچي سپوتن, سنڌ پرستن سان تہ اٿو واجهايو, پڇو, ڊوڪو ٿر جي ماروئڙن جي جان بچاريو, پنجهي رت جا رشتا نڀايو, پنهجائپ جو پختو ثبوت ڏيو جي چندن سان ڏيمون نهي ٿيون سگهن تہ پوء جانون چو نہ ٿيون بچي سگهن, اٿو سنڌ جي ڪنڊ ڪرڇ کان لبيڪ چئو ۽ پنهجي ٿر کي بچايو گهر گهر وڃو, رستن تي اسٽالون لڳايو,پر ڪرپا سنڌ جي سونهن بچايو, ٿر بچايو ٿر بچايو.

# جوڙا جاڳيا جوڳين لاءِ

سنڌ جي سونهن ٿر ۾ جيڪي حالات آهن تنهن کان تقريبن سڄي سنڌ واقف آهي ۽ سنڌ جو با شعور عوام پڻ بخوبي واقف آهي تہ اسانجي حڪومت سڳوري ٿر جي ڏڪاريل سانگهين لاءِ ڪي خاص اُپاءَ ناهن ورتا, ۽ ٿر جي صورتحال روز بروز خراب ٿيندي پئي وڃي تقريبن 2129ٻار هيل تائين ٻک ۽ بدحالي سبب اجل جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ ڪئيي عورتن خودڪشي ڪري ڇڏي آهي, ٿر جتي نسلي ڏڄن جا ڌانچا ملن ٿا, لطيف جي سنڌ جو ٿر جنهن تي پٽائي پنهجا پيت لکيا ۽ ان جي پرستارن وري تنيوري جي سازن تي اهي پيت ڇيا.

اهو ٿر جتي بارشون پوڻ ڪانپوءِ جنت جهڙو نظارو ڏسڻ وٽان ملندو هئو اڄ ان ٿر جو هال جي پچندين روئي پوندي, اهو ٿر جتي مائن جون چوڙيون ڪٽڪنديون هيون تہ هوا ۾ ساز ٻهڪي پوندا هئا ,اڄ ان ٿر ۾ توکي ڪجهہ بہ نہ ملندو سواءِ جانورن جي ڍانچي ۽ ڏُڪار وگهي ڪمزور ٿيل ماڻهن جي. اهڙي ٿيندڙ پاپ ڪي ڏسي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو, زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۽ لطيف يونيورسٽي جي شاگردن جا ضمير ڇرڪي پيا آهن ۽ سندي سانگهين جي مدد لاءِ اٿي بينا آهن سنڌي يونيورسٽي ڄامشورو جي با شعور شاگردن جي سٿ ٿر جي ڏڪار سٽيل سانگهين لاءِ مدد جو فنڊباڪس ڪنيو آهي, مان خود ٿر چندا مهم جو حصو آهيان. انڪري هن ڪالم ۾ اوهان آڏو حقيقتون رڪندس, سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جيڪو فنڊباڪس ڪنيو آهي اهو فنڊباڪس وزندار بہ آهي تہ باعث فخر بہ, وزندار انڪري آهي جو ڪٽي ڪٽي اسين دلشڪستا ٿيا آهيون, مثلن ڪنهن ڊپارٽمينٽ جي ڊاريڪٽر چيو تہ مان توهانکي سندي ٻڪي ڏيان ٿو توهان اهو ڪپائي ٿرين جي مدد ڪيو, ڪٽي ڪنهن چيو تہ اوهين پنو ٿا, ڪٽي ڪنهن چيو ٿر ۾ ڪو بہ اهڙو الميو درپيش ناهي اوهين ٿرين ڪي بدنام ڪري رهيا آهيو.


www.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪنهن چيو تہ اهو ٽرين لاء مستقل هل ڪونهي, اهڙي ريت ڪي ڪليا تہ ڪن ٽوڪ ڪئي, مطلب تي دلشڪستا ٿياسين پر پوءِ بہ جستجو جو در ڪونہ ڇڏيوسين, ۽ باعث فخر بہ ٿياسين, ڪٿي ڪنهن ساراهيو, ڪنهن داد ڏنو, ۽ شاگرد دوستن دل ڪولي مدد ڪئي ڪٿي تہ دوست اسان سان ڪني ٿي فنڊباڪس ڪٽي هڪ هڪ ڪلاس ۾ هليا, ڪن دوستن تہ اسان کي سندن ڊپارٽمينٽ ۾ بہ اچڻ جي دعوت ڏني„ ۽ جڏهن اسين فنڊباڪس ڪٽي حيدرآباد جي هوٽلن تي وياسين، تہ اتي وينل هڪ ڏاهي بزرگ اسان جا سارا ٽڪ لاهي ڇڏيا هن اسان کي داد ڏيندي شيخ اياز جون چند سٽرون چيون.

.” ٻاڙها ٻيرهو سنڌ جا تون ئي منهجو خواب، تون ئي آن جواب صدين جي سوال جو“

برهال ڪي ماڻهو نيگيٽو بہ هوندا آهن تہ ڪي پازيٽيو بہ, چو تہ اهو هڪ فطري عمل آهي, پر شاگرد سٽ ٽرين لاءِ پنهجي مدد پاڻ تحت هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي, جهڙوڪ هر ڊپارٽمينٽ جي ڪلاس روم ۾ وڃي ٿر جي ساڳهين جو سور بيان ڪرڻ, ۽ شاگردن کي ٿر جي بدهالي بابت آگاهہ ڪرڻ, شاگرد دوستن جي سهڪار سان ڪلاس رومن ۾ جيڪو فنڊ ڪني ٿيو آهي تنهن ۾ سنڌ يونورسٽي جي شاگرديائين پرپور موٽ ڏني آهي ۽ دل ڪولي مدد ڪئي آهي, اسين سٽ سميت پنهجي شاگرد ۽ شاگرديائين جا ٿورائتا آهيون جن ٿري سانگهين جي سهڪار لاءِ هڪ وک ڪنيي آهي, ۽ ثابت ڪيو آهي تہ اسين انسان پرست آهيون ۽ انسان کي اجل جو شڪار ٿيندي نٿا ڏسي سگهون„ ۽ ان سان گڏوگڏ سلام آهي انهن دوستن کي جن ٿر جي سانگهين لاءِ پهريون قدم وڌايو آهي ۽ هزارين ٽوڪ مقالن جي باوجود بہ پنهجي سانگهين جي ساٿ ڏيڻ لاءِ سرخروح آهن.

۽ پنهجي مدد پاڻ تحت جاڪوڙي رهيا آهن ,شاگرد دوستن جو ڪنيل هي پهريون وک حڪومت جي منهن تي هڪ چماٽ آهي جيڪا گهري ننڊ منجهہ ستل آهي اڳ ۾ تہ حڪومت ڪٽي پنگ پئيندي هئي پر هاڻي بہ شايد گهري ننڊ منجهہ گهڙيل آهي جو ڪيس ٿر ۾ ڏڪار وگهي فوت ٿيل ٻارن جا لاش نظر نٿا اچنس, شاگرد سٽ طرفان ڪنيل فنڊباڪس هڪ احتجاج پڻ آهي انهن ڌرين لاءِ جيڪي هيل تائين قوما جو شڪار آهن انڪري ٿي سگهي ٿو تہ شاگرد دوستن جي ڪنيل فنڊباڪس سان من حڪومت جا دوڏا ڪولي پون ۽ ڪيس ٿر ۾ مرنڌڙ مور نظر اچي پون„ ۽ ان سان گڏوگڏ زرعي يونيورسٽ ٽنڊو ڄام ۽

لطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگردن ڪي ڪروڙين سلام پيش پون جن پنهجي جستجو سان ٿرين لاء امداد ڪٺي ڪيو آهي„ برهال مان مخاطب آهيان سنڌ جي سچي سپوتن, سنڌ پرستن سان تہ جي چندن سان ڊيمون نهي ٿيون سگهن تہ پوء جانون چو نہ ٿيون بچي سگهن, اٿو سنڌ جي ڪنڌ ڪرچ ڪان لبيڪ چئو ۽ ڪرپا سنڌ جي سونهن بچايو, ٿر بچايو ٿر بچايو.